
اداس اکڙيون
نثري ٽڪرا
يوسف جميل لغاري
www.sindhsalamat.com
PosterMyWall.com

# اداس اکڙيون

( نثري ٽڪرا )

يوسف جميل لغاري

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئو ڪتاب ” اداس اکڙيون“ اوهان اڳيان پيش آهي، نثري ٽڪرن جي هن مجموعي جو ليکڪ نوجوان ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار يوسف جميل لغاري آهي.

يوسف جميل لغاري جي هن نثري ٽڪرن جي مجموعي ۾ اهي تحريرون شامل ٿيل آهن جيڪي هن مختلف ڪيفيتن جي حاوي ٿيڻ مهل لکيو آهن، سندس هر هڪ تحرير جو عنوان سندس محبت، محبوب ۽ سندس محبوب جو حسن اهي.

يوسف جميل لغاريءَ جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهه سڪ ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سيني سنڌين تائين پهچايون. ان کان اڳ سندس ڪهاڻين، ڪالمن ۽ مضمونن جو مجموعو پڻ سنڌ سلامت تي شيئر ڪري چڪا آهيون.

پيارا يوسف جميل لغاري سنڌ سلامت سٿ ۽ فورم اوهان سان گڏ هنن لکڻين کي به دلي موٽ ڏيندو .اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**



Sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ارپنا

عشق ۾

گرفتار ٿيندڙ سيني

الھڙ نارين جي نانءِ

## اظهار خيال

جل ماٺو هجن............ ڪوي آصف جسڪاڻي
لفظ لفظ تصور جوڙين ٿا............ ثاقب بلوچ
تون اونداهي واٽ ۾ لاٽ آهين............ فهد عزيز لغاري
وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿي............ عاجز عزيز شر
ماٺو مٽيادار............ آڪاش ميرواهي
ليڪڪ پاران............!

## فهرست

هان مان اَڌُورو آهيان............!
تون ڇا ڄاڻين............!
اداس اکڙيون............!
ڪَـويتا............!
هڪڙي ڇني تنهنجي نالي............!
ها پرين تون مرڪندي ڪر............!
منجهِـي پيـو آهـيان............!
هي بي رحم زمانو............!
دلــبـريــون............!
پرين جي پيار جي پرچي............!

راز نِياز جون ڳالهيون..........!

عشق جي افسردگي..........!

لِکِئي جُون لامُون..........!

منهنجي اندر منجهه تنهنجو اولڙو پرين..........!

اکڙين کان اکين تائين جو سفر..........!

ڪاغذ جو گهر..........!

اکيون بہ باندي رڳون بہ باندي..........!

تنهنجون يادون ۽ اڪيلائي..........!

شرميـــلي نگاهــون..........!

ناسـي نيــڻن واري محبـوبا..........!

ڪولڊ ڊرنڪ واري محبوبا..........!

اڄ تنهنجي هڪ چِٺِي هٿ لڳي..........!

عڪس يار..........!

ڪڏهن پلا ائين به سوچيو اٿئي..........!

اوه منهنجي دل جي نگر جي چري ڇوڪري..........!

ڪانگل سائين، ڪٿي گم آه..........!

خاموش سڏڪا..........!

هٽلر صفت محبوبا..........!

دل جـو نگـر..........!

سُنسان راهون..........!

جديد محبت..........!

پيار پائينده باد رهي..........!

ڪلهه رات ستارا مُرڪن پيا..........!

چري چاهت..........!

## جَل ماڻهو هجڻ

يوسف جميل لغاري نالي سان تہ سڃاڻ تڏهن ٿي هئي جڏهن اڃان سوشل ميڊيا عروج تي ڪونہ پهتي هئي نہ ئي انڊرائيڊ موبائيل فون هٿ هٿ ۾ جاءِ ولاري هئي تڏهن عوام الناس جو رجحان هيو تہ صرف ئي صرف پرنٽ ميڊيا ڏانهن هو. انهي دور ۾ جڏهن مامي جي دوڪان تي روزانہ ڪاوش اخبار جيڪا سنڌ ماءُ جيجل جي سورن، پاٽي جي احتجاجن ۽ بيروزگاري مان تنگ ٿي خدڪشي جهڙي هانوءِ ڏاريندڙ ڪيسن سان ڀري پئي هوندي هئي( اڃان بہ آهي) تہ منهنجون پتڪڙيون اکيون ساوڻ جيان وسي بعد ۾ لغڙ ٻڏجي پنهنجي تعلقي جو نالو ڳولڻ ۾ مصروف هونديون هيون.

تڏهن اخبار جي پويان هائيڊ پارڪ واري جاءِ تي نري ميرواه جي اڳيان يوسف جميل لغاري جو خوبصورت نالو نظر ايندو هيو. تڏهن يوسف شايد اختصاري ڪهاڻيون، شاعري يا ڪالم نہ لکندو هو پر پنهنجي پار جا، پنهنجي وستي جا سور، درد ۽ پيڙاهہ محسوس ڪري اخبار جي هائيڊ پارڪ تي انهن کي ڇپرائيندو هو يوسف جون اِهي دانهون ڪڏهن ٽنل روڊ جي مرمت لاءِ هونديون هيون تہ ڪڏهن وري سڙيل ٽرانسفارمر يا بجلي جي لوڊشيڊنگ تي هونديون هيون اسان جو هي دوست ذهن ۾ پيدا ٿيل تڙپ کي پنن تي قيد ڪري اخبار ڏانهن پيو اماڻيندو هو.

انهي سان گڏوگڏ يوسف جون دانهون تعلقي جي لائيبريري جي قيام لاءِ پڻ هونديون هيون( جيڪي هاڻي بہ ڪري رهيو آهي) يوسف جي دانهن مان مون کي اهو محسوس ٿيو آهي تہ جيڪڏهن لغاري صاحب لکڻ جي شروعات ڪئي تہ پنهنجي پومي جي ڏکن کي محسوس ڪري تلوار کي قلم جو روپ ڏئي لکڻ شروع ڪيو.

اهڙي ريت هن وقت اسان جي ياروبيس محبوب يوسف جميل لغاري سميت سنڌ ۾ رهندڙ ٻيا لغاري قبيلي جا ماڻهو بہ پاڻ کي ڌرتي جو حلالي پٽ سمجهي ڪري سنڌ وطن کي پنهنجو وطن سمجهي پاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. اچون ٿا واپس يوسف جميل لغاري طرف اها تہ صرف منهنجي يوسف جميل لغاري نالي سان سڃاڻ هئي جيڪا

اخبار ذريعي صرف سندس من مهيندڙ نالي سان ٿي هئي پر منهنجي حقيقي ملاقات انگريزي ۾ جنهن کي چوندا آهيون ( فيس ٽو فيس) اها تڏهن ٿي جڏهن آئون پنهنجو تعليمي سفر جاري رکڻ لاءِ خيرپور ميرس شهر ڏانهن منتقل ٿيو هيس خوش قسمتي سان منهنجي رهائش جو بندوبست بہ کنهن دوست جي مهربانين سان لغاري ذات جي بيچلرس چوکرن سان ٿيو جيکي مسٽر يوسف جا سهڻي سنڌي ۾ ڳوٺائي يا پاڙيسري هئا ۽ اسين شاگرد لڏو هڪ ئي روم (ڪمرو) ۾ رهندا هئاسين.

شاگرد لڏي وارا روم اسان جهڙن روحاني خانہ بدوش ناول نگارن شاعرن ڪالم نگارن جا مرڪز هوندا آهن جتي ڪيئي رولاڪ ماڻهو ايندا ۽ ويندا آهن ائين ئي اتي سهڻو شارٽ اسٽوريز رائيٽر، ڪالم نگار ۽ ڪجھ ڪجھ شاعري جو آرٽ رکندڙ يوسف جميل لغاري اچي ظاهر ٿيو جڏهن تعارف ٿيو تہ هي اهو يوسف نڪتو جيڪو ڪاوش اخبار ۾ پنهنجي ڳوٺ جا درد ۽ پيڙاءُ لکندو هو لغاري صاحب سان ڪيئي ڪلاڪ ڪچهريون ڪرڻ کان بعد ۾ سندس شخصيت مان آءُ متاثر ٿيس تہ جيترو هي سهڻو آرٽيسٽ آهي ۽ ننڍي قد جو مالڪ آهي اوترو ئي هماليہ جيتري سوچ رکندڙ فرد آهي ملاقاتون وڌڻ کان بعد جيڪو مون ڄاتو تہ يوسف ڪنهن سان جلدي ۾ سنگت رکي ڪونہ ٿو پر جيڪڏهن رکي ٿو تہ زندگي جي آخري هڏڪي تائين نبهائڻ جي سگھہ بہ رکي ٿو.

هزارين خوبين مان اها بہ خوبي اٿس تہ ڳالهائي گهٽ ٿو جيڪڏهن ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي تہ رومانس، تاريخ، ادب تي ڳالهائيندي باک ڦٽي سگهي ٿي يار ٿهڪ گهٽ مُک تي مرڪ گهڻي سجائي ٿو پر ٿهڪن ڏيڻ ۾ شروع ٿئي ٿو ٿهڪن جي ٿمتار لڳي وڃن ٿا. جيڪڏهن يوسف جي ادبي پورهيي تي ڳالهائجي تہ اهو ائين آهي جئين دري مان آسمان کي ماپڻ چو جو دلبر هر فن جو مالڪ آهي جنهن جو شاهد هر ميگزين، اخبار سان گڏوگڏ سندس لکيل چار ڪتاب آهن انهن ڪتابن ۾ هي جيڪو پنهنجي وطن جي ڏکن ڏوجهرن کي سمجهي ڪالم ۽ مضمون لکي انهن کي (سانجهي ويل سڏڪندڙ خواب ۽ واجٽ ڪن وڻجار) ڪتاب جي صورت ڏي ٿو اهي بئي ڪتاب بہ پڙهڻ جي لاءِ بهترين مواد آهن. چو جو هر دور ۾ وقت جا ڪالم نگار ۽ مضمونگار پنهنجي مهاڳ ۽ وطن لاءِ تاريخ ۾ شاهد بڻجي ويندا آهن ائين يوسف جميل لغاري بہ سنڌي قوم جو سفير بڻجي سنڌ جي مسئلن

کي دماغ سان سوچي سمجهي انهن جي حل لاءِ تجويزون پيش ڪري ٿو. يوسف سنڌ جي سورن، تڪليفن ۽ پيڙاهن تي لکڻ سان گڏوگڏ رومانس تي بہ شارٽ اسٽوريز لکڻ جو فن قبضي ۾ ڪري ونئي ٿو جنهن ۾ هو پنهنجي مقدس درس گاه شاه عبداللطيف ڀٽائي رح ۾ واري جيان ڪسڪي ويل وقت کي بہ ڪئين نه سهڻي نموني سان ڪتاب( خوابن جا پاڇا) ۾ سهيڙي ٿو جتي هو ڪنٽينن تي محبوب سان گذاريل پلن کي پنهنجي زندگي جا بهترين پل سمجهي ٿو جڏهن محبوب کان باءِ آٽوگرافي مليس ٿي ۽ يونيورسٽي جو سفر پنهنجي منزل تي پهچي ٿو تہ يوسف جميل لغاري مايوس ٿي وڃي ٿو دڙن جي ديس ۾ ويهي چاندوڪين ۾ هو پنهنجي محبوب ۽ هن جي چنين کي مقدس ڪتاب جي پني جيان چمي پنهنجي اکين تي سجائي پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل هر احساسن کي پني جو روپ ڏيئي ڪئين نہ ڪوري ڪاغذ تي ڪتاب اداس اکڙيون لکي پنهنجي اندر جا احساس ونڊي ٿو.

جڏهن اسان پارا اداس اکڙيون پڙهن ٿا تہ هڪ نئين دنيا ۾ پنهنجي الڳ دنيا سجائي ويهن ٿا اها دنيا جيڪا نوري ۽ ڄام تماچي جي هيئي سسئي ۽ پنهون جي هيئي ليلا ۽ مجنون جي هيئي سهڻي ۽ ميهار جي هيئي.

سنڌي ادب کي ڏنل يوسف جا چاريئي ڪتاب (يوسف بهترين ليکک آ) جي چٽي تصديق وارا سرٽيفيڪٽ آهن. سمورن ڪتابن جي سافٽ ڪاپي پڙهي جئين ڏٺو آ مون تہ ۾ ڪا بہ جهول نظر نٿي اچي باقي ڪجُهہ نندبون شيون هر شاعر، ناول نگار، تاريخدان ۽ ڪالم نويس کان رهجي ويندبون آهن تنهنڪري انهي حالت ۾ مطلب لغاري صاحب اڃان مون جيان سکنڊڙ مرحلي ۾ آهي تنهن هوندي بہ هر طرف کان پاڻ کي غلطين کان بچائڻ جي ڪوشش ضرور ڪري ٿو.

**ڪوي آصف جسڪاڻي**
**ٺري ميرواه**

## لفظ لفظ تصور جوڙين ٿا

اداس اکڙيون يوسف جميل لغاري جو لکيل ڪتاب جيڪونثري ٽڪرن تي مشتمل آهي ڇا تہ بهترين ۽ دلڪش موضوع رکيا اٿس ڪتاب جي فهرست ۾ جهڙوڪ تو ڇا ڄاڻين, ڪويتا، خاموش سڏڪا, سنسان راهون وغيره
هن ڪتاب منجهہ ڪٿي يوسف جميل لغاري پنهنجي محبوب ڏانهن چنيون ٿئي لکيون تہ ڪٿي وري مُنجهي پيو ۽ ڪٿي ڪاغذ جا گهر ٺئي ناهيائين تہ ڪٿي وري اکين جو اکين تائين سفر ٿئي ڪيائين پر تمام بهترين موضوع رکيا اٿائين.
جهڙوڪ پرڪشش هجن جئين انهن جو نالو ٿو ڪجي تہ اندر منجهہ انهن جا تصوير اُڀري ٿا اچن جهڙوڪ هڪ نثري ٽڪڙي ڪي نالو ڏنو اٿائين ڪويتا جڏهن منهجي نظر ڪويتا تي پئي تہ منهجي ذهن منجهہ هڪ حسين خوبصورت ناري جي تصوير اُڀري ٿئي آئي.
اهڙي طرح سان جيڪي بہ موضوعن جا نالا رکيل آهن تنين جي چند شبدن ۾ ئي ڄٽڪ وڏو مطلب رکيل آهي ۽ تمام بهترين موضوع رکيل آهن.
مان يوسف جي لکڻين مان چڱي طرح سان واقف آهيان سائين جن تمام سٺي نسبت سان لکڻين کي لکندا آهن ۽ سائين جن جي لفظن جي بيهڪ ڪمال آهي مان سائين جن جا پهريان آيل ٿي ڪتاب پڙهي چڪو آهيا انهن منجهہ بہ تمام بهترين لکيل آهي پر هن ڪتاب ۾ ان جي فهرست ڄٽڪ سڄو ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ ڪتاب جي مقبوليت جو سنڪيت ڏئي ڇڏيو آهي.
مان ڪتاب جي فهرست مان تمام گهڻو مائل آهيان ۽ يوسف جميل لغاري سائين لاء دعاگو آهيان تہ سائين جن جو هي ڪتاب سائين جن ۽ سندن پرستارن لاء سنو ثابت ٿئي.

**ثاقب بلوچ**

# تون اونداهي واٽ ۾ لاٽ آهين

گذريل ٽن چئن سالن ۾ مون گھڻن اديبن کي پڙهيو آهي پر جنهن ليکڪ جي لکڻين مان مون گھڻو ڪجھ سکيو ۽ پرايو ۽ جنهن جي لکڻين کي پڙهي ڪري مون کي به شوق جاڳيو ته ٻيلي چو نہ مان بہ ڪجھ لکان ۽ ڪجھ ڪيان پر پهريان گھٻراٽ محسوس پئي ڪيم ته لکڻ جي شروعات ڪيان پر جڏهن پنهنجي پياري دلعزيز محنت ڪش دوست يوسف جميل جي لکڻين کي پڙهيم ۽ پڙهندي پڙهندي سندس لکڻين ۾ ائين گم ٿي ويم جئين ڪير ڪنهن جي حقيقي عشق ۾ گم ٿي ويندو آهي.

مان بہ يوسف جي لکڻين ۾ ائين گم ٿي ويم ۽ ائين محسوس ڪيم مونکي بي يوسف جي لکڻين سان حقيقي عشق ٿي ويو آهي يوسف جميل منهنجو پيارو دوست آهي پر ان سان گڏو گڏ ادب جي دنيا ۾ منهنجو استاد بہ پڻ آهي مان سرخ سلام پيش ڪندم پنهنجي پياري دوست يوسف جميل کي جنهن جي لکڻين مان مون گھڻو ڪجھ سکيو ۽ جنهن جي لکڻين کي پڙهي ڪري مون ۾ لکڻ جو شعور بيدار ٿيو.

يوسف هڪ محنت ڪش پنهنجي ڪم سان سچو ۽ سنجيده انسان پڻ آهي مان جئڻ جو طريقو يوسف کان سکيو آهي چو جو هو ڪيڏو بہ ڪٿي پريشان هجي يا وري ڪهڙي به ڪيفيت ۾ چو نہ هجي پر هن جي چهري تي مان هميشہ هڪ محبت ڀري مُرڪ ڏٺي آهي هن جي اها مُرڪ ڏسي ڪري مون کي هميشہ حوصلو ملندو رهيو آهي پائو يوسف چيو پريشانين کي منهن ڏئي ڪري اسان کي اڳتي وڌڻو آهي وقت سان گڏ هلڻو آهي ۽ وقت جو قدر پڻ ڪرڻو آهي جي اسان وقت جو قدر نہ ڪنداسين ته وقت به اسان قدر ڪونہ ڪندو.

**فهد عزيز لغاري**

## وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿي

ڳالھ ڪندا آهن ته وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿي يعني ڪو به قول ڪو به شعر ڪو به فن ڪا به عمارت جوڙيندڙ تي منحصر هوندي آهي. مشهور قول آهي ته شخصيت ان ڪان به اُتم آهي هڪ ٻيو مشهور شعر آهي ته شاعر اجان به اُتاهون آهي، جيڪڏهن ڪوئي مشهور فن آهي ته فنڪار اجان به اهم آهي، ڪا مشهور عمارت آهي ته مُعَمَرُ جي ياد ڏهاني ضرور ڏياريندي ۽ ڪاريگر جو فن مجرائيندي، ان طرح هن وسيع دنيا ۾ هيڪاندا دماغ آهن. ڪي فلسفي، ڪي منطقي، ڪي مصور، ڪي مقرر، ڪي محرر ۽ هر هڪ جي سمجھ پنهنجي پنهنجي آهي. هن سموري جهان ۾ ٻولين، تهذيبن، ثقافتن، سماجي طور طريقن ڪي بيان ڪرڻ لاءِ بهترين اسلوب ادب آهي.

زندگي ڪيئن گذري، جواني، ٻالڪپڻ ۽ اُن سان سلهاڙيل انفراديت ۽ دوستن سان وابستگي ڪس ڪسر، جذبات تي ضبط، ڏکيا مرحلا شڪوه، تعريف يا فقط عاشقي جو دور ڪيئن اڪ ڪڄي وئي، خاموش نگاهن ڇا چيو ۽ اڳلي ۾ ايتري سمجھ هئي جو اکين جي اٽڪڻ ۾ محسوس ڪري ويو ته اهي اکيون نفرت ڪن ٿيون، هي اکيون لالچي آهن، هي اکيون خوش آمدي آهن، هي اکيون محبتي آهن تن سڀ ڳالهين ڪي سُٺي نموني سرجڻ منهنجي راءِ مطابق ادب آهي.

سڄي جهان ۾ ادب ۽ اديب آهن، جهان ۾ مُلڪ آهن اُتي به ڪيترائي اديب آهن، ملڪن ۾ صوبا آهن اُتي به ڏاڍا اديب آهن، صوبن ۾ ڊويزنون اُتي به جام اديب آهن، ڊويزنن ۾ ضلعا آهن اُتي به جام اديب آهن، ضلعن ۾ تعلقا اُتي به جام اديب آهن، تعلقن ۾ ڳوٺ، ڳوٺن ۾ به جام اديب آهن ان طرح ٺري ميرواھ جي هڪ ڳوٺ ۾ ٻهراڙي جي سماج سان واسطو رکندڙ " يوسف جميل لغاري" اسان جو هڪ بهترين اديب آهي دوست سان منهنجو واسطو سنڌي ادبي انجمن جي پليٽ فارم تان پيو، ماٺ ميٺ جي ملاقاتن ۾ اُن کي درويش صفت انسان محسوس ٿيو.

سياسي حساب ڪتاب سان به ان جو هڪ الڳ جهان ڏٺم ۽ ڪيس سوشل ورڪر ۾ به سڃاتم، گذريل اليڪشن ۾ هُو تبديلي پسند هيو، اِها فطري سوچ آهي ته ڪو ڪهڙو پاسو

قبول ڪري، دوست هڪ نهايت بي باڪ جفا ڪش انسان آهي ۽ ادبي لحاظ سان ڪهاڻيڪار آهي، مختلف ڪهاڻين جا ننڍڙا ڪتاب لکيا آهن جيڪي ڪهاڻيون سماج، رواج، اجتماعي، انفرادي ڪردارن جي واضع ترجماني ڪن ٿيون. ظالم جي نندا، مظلوم جي داد رسي جو ثبوت ملي ٿو. وڏا ماڻهو ڪيئن هوندا آهن ۽ نوڪر جي زندگي ڪيئن هوندي آهي واضع ٿيل آهي ان جي ڪهاڻين ۾. نوجوان نسل کي ان جي ڪهاڻين مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ سوچڻ ۾ تبديلي جو گس سوچڻ گهرجي.

آئون سندس نثري ٽڪرن تي مشتمل هن ڪتاب " اداس اکڙيون" لاءِ هي تاثرات لکي خوشي محسوس پيو ڪيان ته نري ميرواهه مان اسان سنڌ کي ادب ۾ ڪو نئون جدارو تبديلي پسند ادبي لڏو به ڏيڻ گهرون ٿا آخر ۾ گذراش ڪندس ته يوسف جميل لغاري صاحب پنهنجي ڪوشش قلم جي حوالي سان نج مخلصانه رکي، حقيقت نگاري جي منظر کي خوب سامهون آڻي ۽ فقرا اهڙا ڪم آڻي جن جو قدر ايندڙ صدين تائين رهي. فقط تعريف تي خوش نه ٿئي ۽ خود به تنقيدي لاڙن ڏي اچي ۽ تنقيد جي علم کي سکي ۽ ڪيس فقط ڪهاڻي ۾ ئي زندگي کپائڻ نه گهرجي ڪيس تاريخ تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي.

**عاجز عزيز شر**

## ماڻهو مٽيادار

سونهاري سنڌ علم ادب جو اهڙو خطو آهي جتي هيرا موتي مٽيادار انسانن جنم ورتو آهي. انهن منجهه ولي، عالم، بزرگ، اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ سگهڙ اچي وڃن ٿا جن وقت بوقت پنهنجو نالو نروار ڪيو آهي. جڏهن ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ موتي مالها کي ڏسبو ته ڪيترائي ماڻڪ ان مالها جي زينت بڻيل نظر ايندا.

اهڙن ڪهاڻيڪارن ۾ هڪ بهترين نئين ٿهي جي نماڻي شخصيت بهترين ڪردار جو مالڪ سٺي سوچ رکندڙ انسان جنهن جو نالو اسين هر ڪچهري هر محفل ۾ ڪٽندي فخر محسوس ڪندا آهيون. اُهو آهي اسان جو بهترين دوست پيائرن جهڙو پياءُ يوسف جميل لغاري. جنهن سان ٻاروتڻ جي زندگي کان وٺي جواني تائين رسڻ پرچڻ روز مره جو وهنوار رهيو آهي حقيقت جيڪي آهي اها اچ مان پنهنجي هن تاثرات ۾ پيش ڪيان ٿو ته يوسف جميل لغاري جي شخصيت يا هُن جي ڪهاڻين تي يا مضمونن تي لکڻ مون وس نه آهي اِهو اِن ڪري ته هو منهنجي تحرير کان به مٿاهون آهي مون ڪوشش ڪئي آهي ته يوسف جميل لغاري جي شخصيت تي لکڻ بدران ان جي خيالن تي لکان.

يوسف جميل لغاري جو جيڪو به نثر آهي ان نثر ۾ حقيقت نگاري نظر ايندي آهي جيئن پهرين ڪتاب ۾ يوسف جي جڳ مشهور ڪهاڻي جيڪي تمام بهترين لکيل هئي جنهن جو عنوان هو "ڦڪي چانهه" جنهن مان ايترو متاثر ٿيس جو مون پانيو ته هي جڻ منهنجي آتم ڪٿا آهي جيڪا يوسف جميل لغاري پنهنجي ڪهاڻي طور جڻ مون تي لکي آهي يقين ڪيو اها ڪهاڻي مون کي ايترو پسند آهي جو هر پروگرام ۾ مان يوسف جميل لغاري کي ان ڪهاڻي جي فرمائش ڪندو آهيان.

يوسف جميل لغاري نه صرف پنهنجي دردن جي ترجماني ڪندڙ نوجوان آهي پر يوسف ٻين جي دردن کي به محسوس ڪندڙ هڪ ڪهاڻيڪار هڪ مضمون نگار به آهي جيڪو سماجي برائين تي به ڪهاڻيون لکندو رهي ٿو ڪهاڻين سان گڏ يوسف جميل لغاري جا مضمون به پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکن ٿا جن ۾ هميشه مون کي سنڌ جي سورن جون دانهون ملنديون رهيون آهن انهن مضمونن مان ڪجهه مضمونن جا نالا ڏجن ٿا جيئن مثال طور يوسف جميل لغاري لکيو هو " تبديل ٿيندڙ سنڌ جي سياسي صورتحال"، يا وري ٻيو

هڪ مضمون جيڪو صرف وطن جي بقا لاءِ آهي، ” اڃو ته ڌرتي جو قرض لاهيون“ برحال اهڙيون ڪوڙ لکڻيون يوسف جميل لغاري جي ڊائري مان ملنديون جن ۾ سماج جي براين کان وٺي پنهنجي مارن جو درد تي ڪي ئي اڻ ڳڻ تحريرون درج ٿيل آهن. آءُ جيترو به يوسف جميل لغاري جي لکيڻن تي لکڻ چاهيان ايترو گهٽ آهي اهو ان ڪري ته هن جون لکڻيون هڪ پنهنجي قول فعل سان پريل هونديون آهن يوسف جميل لغاري مستقبل جو هڪ بهترين ليکڪ نظر اچي ٿو جنهن لکڻين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، اسان جو يوسف جميل لغاري ڪي دعا آهي ته يوسف جميل لغاري هميشه پنهنجي قلم ذريعي پنهنجي ڌرتي جي دردن کي عوام الناس تائين ائين پهچائيندو رهي ٿو.

**آڪاش ميرواهي**

## ليکڪ پاران

ادب سان سلهاڙيل اسين سڀ، عجيب سماج جا انتهائي غريب ماڻهو آهيون، ڇو ته عمومن اسين ايترا ته مفلس هوندا آهيون جو اسان وٽ ڪتاب خريد ڪرڻ جي سگهه به ڪو نه هوندي آهي، جن ۾ وري ٿوري گهڻي ڪتاب خريد ڪرڻ جي سگهه هوندي آهي ته وري انهن ماڻهن کي ڪتابن سان دلي لڳاءُ ڪونه هوندو آهي، ڪي تمام ٿورا بلڪ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪي مغز ڦريا هوندا آهن جن جو عشق ڪتابن سان، مطالعي سان، مشاهدي سان ۽ فڪر جي ڦرهي تي ويچارڻ سان هوندو آهي.

آءُ به پنهنجي ڳوٺ جي مڙني ماڻهن کان هڪ جدا گانه طبعيت رکندڙ فرد آهيان، منهنجو چاهه نه چاندوڪين سان رهيو آهي ۽ نه ئي مون کي ڪنهن اُماس راتين سان ڪا شڪوه يا شڪايت آهي، آءُ هميشہ پنهنجي هڪ الڳ دلڳ دنيا جو مستقل رهاڪو رهيو آهيان، جهڙي ريت حضرت آدم کي تنهائي ۽ اڪيلائي اڇي سوگهو ڪيو هو ۽ سندس اِن ڪيفت کي سمجهندي رب ڪائنات سندس مشغلي لاءِ مائي حوا کي پيدا ڪيو هو تهڙي ريت جڏهن آءُ تنهائي کي پاڻ کان ڌڪارڻ لڳس ته تخليق مون تي مهربان ٿي پئي ۽ مون لکڻ شروع ڪيو.

عشق جي نه ابتدا هوندي آهي ۽ نه ئي ڪا انتها، ابتدائي ۽ انتهائي سڏجندڙ مرحلا صرف جو صرف ٻين کي دولاب ڏيڻ لاءِ قطب آندا ويندا آهن، منهنجي لکڻ سان به آءُ پنهنجي ڪنهن ابتدائي مرحلي کي ڳڻيڻ نه ٿو چاهيان، آءُ ادب ۾ ننڍ وڏائي، ٿورائي گهڻائي، ۽ ڪجهه ٻين معروج ڪيل اصولن تي يقين نه رکندو آهيان، مون کي جيڪا ڳالهه هن مهل تائين لکڻ واري ڪرت سان وابسطه رکيو پئي اچي سان آهي اُن محبوب جي محبت، جنهن جي محبت جو ڏيو اجا دل ۾ ٻري ٿو پيو، هي رسمي گرم هوائون اُنهي ڪنول جي گل کي پاتار کان پري ڪري نه ٿيون سگهن.

آءُ انهن سيني دوستن خاص طور تي ڪوي آصف جسڪاڻي، فهد عزيز لغاري، عاجز عزيز شر، صوفي آڪاش ميرواهي ۽ پنهنجي پياري ياءُ آزاد شر مطلب ته سيني دوستن جو جامع طور تي تهه دل سان مشڪور آهيان جن مون ادنيٰ ماڻهو کي عزت بخشيندي منهنجي

نثري ٽڪرن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ منهنجي عشق کي امرتا بخشڻ لاءِ منهنجو ساٿ ڏنو.

**يوسف جميل لغاري / ٿري ميرواهه**

# هان مان اَڌُورو آهيان

تُو بِن هِي ڪَائِنَاتِ جُونِ سَيَئِي حُسنَاڪِيون، رنگِينَ مَحفِلون ۽ ماڻهن جا ميڙاڪا مُون کي تُنهِنجي تِشنَگي کان دُور ڪَرَڻُ جِي سَگهَہ نٿيون رکن، آءُ هر پَلَ، هَر گهڙِي اُداسِي جِي گِهرِي پَاڇِنَ ۾ رهندي تو کي سارِيندو رِهَندو آهيان، تُنهِنجي اُڪِيرَ مُنهِنجي مَنَ ۾ گهَتِجڻ بجاءِ هَر ڏينهن وڌندي رهي ٿي.

آءُ پنهنجي اِن اڌپورائي جي اِحسَاسَ کي گهٽ ڪرڻ لاءِ مختلف جَتَنُ ڪندو رهندو آهيان، پاڻ تي مختلف هِيلا هلائيندو رهندو آهيان، مُنهِنجون سَيئي تَرڪِيبُون اُن مهل ناڪامُ ٿي وينديون آهن جڏهن تُنهِنجي ياد هِڪَ پَلَ لاءِ به مُنهِنجي دل تي دَستَڪَ ڏئي وٺندي آهي ۽ مُون کي اُداسَ ڪري وجهندي آهي.

مُنهِنجي اُداسَي مُون تي ڻي گهِرو اثر ڇڏيندي آهي، آءُ دنيا جي مڙني ڪم ڪارن کان بي نياز ٿي ڪري صرف جو صرف تو کي سُوچڻ شروع ڪندو آهيان، مُنهِنجي سُوچ جي اِنهي طرز عمل تي مُون کي پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ڪَهَلَ ايندو آهي ليڪن ڇا ڪريان منٺي اِها ڪَهَلَ ڪنهن مهل جو مُحتاجُ ناهي هوندي.

آءُ نه ٿو ڄاڻان ته تُون هِن مهل ڪهڙي حال ۾ آهين تُنهِنجي حال کان جيتوڻيڪ آءُ مُڪمَل طرح سان بي خبر آهيان لِيڪن مُنهِنجو حال تُنهِنجي بنا بي حال لڳو پيو آهي، آءُ تو بن سَجو سَارو سُور آهيان، اڌپورائي جو اَحسَاسَ مُون کي اُڏاهي وانگرُ اندران ئي اندران کوکلو بڻائي پيو. دُنِيَا جي نَظرُ ۾ پِلِي آءُ سُکيو سَتابو ۽ سُک و آرائش سان ٽمٽار ماڻهو هُجان لِيڪَن تون بنا آءُ مُڪمل طَرِح سَان اڌپورو آهيان، مُنهِنجي ڪِيفيتَ جو اندازو تو مُنهِنجي هِن بِن سَٽُنَ جي جُملن مان لڳائي سَگهِي ٿِي.

تُو بِن هِي سَانوڻ ۽ سَيارا
ڏاڍا ڏکِيا ٿا گُذرن او پِيارا

# تون ڇا ڄاڻين

تون ڇا ڄاڻين انهن اوجاڳن ڀريل نيڻن جي ڪٿا جن نيڻن هر گهڙي هر پل تنهنجي رستن تي انتظار جا گل نڇاور ڪري تنهنجون راهون تڪيون هجن، تون ڇا ڄاڻين انهي قلم جي ٽڪاوٽ ڪي جنهن قلم تنهنجي هر هڪ ادا، وفا توڙي جفا تي ڪي ئي تحريرون درج ڪيون آهن. ها تون ڇا ڄاڻين انهن رستن جي ڏيگهه ۽ اڙانگي پڻ ڪي جن رستن تي پيرين پنڌ هلي هي دلڙي تنهنجي هڪ ديدار لاءِ ڪي ئي ميل سفر ڪري تو وٽ حاضر ٿيندي هئي، تون ڇا ڄاڻين انهن خوابن جي پختگي ڪي جيڪي خواب ڪليل اکين سان هن اک تنهنجي گڏجڻ لاءِ ڏٺا هئا.

ها تون ڪڏهن به ڪونه ٿي ڄاڻي سگهين

ڇو ته تو ڪڏهن ڪنهن جي لفظن منجهه پلجندڙ درد ڪي محسوس ناهي ڪيو، تو ڪڏهن ڪنهن ڪتاب جي اندر ڪنهن شاعر يا ليکڪ جي احساسن جو جائزو ناهي ورتو، تو ڪڏهن ڪنهن چمن جي برباد ٿيڻ ڪانپوءِ سندس آباد هجڻ واري دور جو تحقيقي مشاهدو ناهي ڪيو، تو ڪڏهن ڪنهن جهرندڙ ڇهري جي جهرندڙ پڻ جو احوال ڪونه ڄاتو، تو ڪڏهن اهو ڪونه ڄاتو ته جڏهن دل ٽٽي پوندي آهي ته پوءِ وري اهو ساڳيو دل صدين تائين ڪنهن سان جڙي ڪونه سگهندي آهي.

ها تون ڪڏهن به ڪونه ٿي ڄاڻي سگهين ته اصل عشق آهي ڇا، محبت ڪهڙي بلا جو نالو آهي ڇو ته تنهنجون سڀ محبتون وقتي ۽ مفادن جي سانچي سان ڀريل ثابت ٿيون، تو ڪڏهن به ڪنهن جي انتظار ۾ ڪي پل ڪونه گذاريا آهن، تو ڪڏهن ڪنهن جي بي رخي تي به چار لڙڪ ڪونه هاريا آهن، تو ڪڏهن ڪنهن ڪي دل سان ساريو ڪونه آهي ته پوءِ ڀلا اهو ڪئين ممڪن آهي.

# اداس اکڙيون

ڪائنات جون سڀئي حُسناڪيون رنگ چڙهي مون کي بي رنگ محسوس ٿينديون آهن تڏهن جڏهن تنهنجيون اکيون مون کي اداس ٿيل محسوس ٿينديون آهن.

تنهنجيون اکيون جيڪي مون لاءِ ڪنهن مقدس مقام جيتريون مقدس ۽ احترام جي لائق آهن، تنهنجيون اکيون جيڪي يقينن مون لاءِ ڪي پل سهانا خواب ڏسنديون هونديون، مون کي انهن خوابن سان به ڏاڍي عقيدت آهي، آءُ تنهنجي اکڙين ۾ پاڻ کي ته ڇا پر پوري ڪائنات کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

ليڪن ان جي باوجود مون کان هڪ شئي برداشت نه ٿيندي آهي جيڪا آهي تنهنجي اکين جي اداسي، ڇو ته اداسي وڇوڙن جو ڏس ڏيندڙ ثابت ٿيندي آهي، اداسيون پنهنجي آڙ ۾ جدائي جو سنهيو ڪٽي ايندڻيون آهن، آءُ انهن اداسين جو ازل کان مخالف آهيان مون کي اداسيون بنهه پسند ڪونه آهن پوءِ ڪٽي اُهي اُداسيون ڀلي ڇو نه ڪٽي منهنجي ڪنهن مخالف فرد جي چهري يا اکين ۾ هجن.

ان لاءِ آءُ فڪر مند ٿي پوندو آهيان جڏهن تنهنجي چاندوڪي مثل چهري تي ڪي پل اداسين جا ڪارا ڪڪر محسوس ڪندو آهيان، ان لاءِ پرين تون اداس نه ٿيندي ڪر ڇو ته تنهنجي اکڙين جي اِها اداسي منهنجي ساري وجود کي وڪوڙي ڇڏيندي آهي ۽ آءُ پريشان ٿي پوندو آهيان.

# ڳـويتا

هُو جيڪا مون کي سيني رومانوي شعرن ۾ بيتن جهڙي لڳندي آهي، جنهن جي ڳلڙن کي ڏسندي مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻڪ شيخ اياز پنهنجي سموري رومانوي شاعري سندس ڳلڙن تي لکي هجي.

هُن جي زلفن کي ڏسندي ائين محسوس ڪندو آهيان ڄڻڪ حسن درس جا سڀ نظم هن جي زلفن تي لکيل آهن، هُو جنهن کي ڏسڻ سان مون کي سنڌ جا سڀ شاعر، اديب، مفڪر ۽ ڏاها ياد اچي ويندا آهن، اِن لاءِ مون ڪيس امرتا بخشندي سندس نالو ڪويتا رکيو آهي.

ڪويتا جيڪا هِن مهل علم ۽ ادب جي سيني پهلوئن کان اڻ واقف آهي ۾ ڪيس ادب جي الف جي به ڄاڻ ناهي پر ان جي باوجود به اِها اميد اٿم ته اِها ڪويتا ڪنهن ڏينهن ڳويتائُون لکندي ۽ ادب ۾ پاڻ مڃائيندي، ڇو ته سندس نگاهن مان نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترا عنوان ڇلڪندا رهندا آهن.

محبت جو اُهو رنگ انتهائي نرالي قسم جو آهي جيڪو رنگ قلم کي لکڻ وقت تنهنجي حسن اڳيان قرضدار بڻائي ڇڏي، پلا هڪڙو قلم ۽ هڪڙو مان تنهنجي حسن جو قرض ڪيئن تا لاهي سگهون، هت ته پلي هزارين قلم هجن ۽ پوري ڌرتي توڙي آڪاش کي سميٽي ڪري ڪاغذ بڻائجي تب تنهنجي حسن جي هڪ جلوي جي تعريف کي مڪمل نه تا ڪري سگهون، تنهنجو حسن جيڪو منهنجي لاءِ لامڪان مثل آهي.

تنهنجو حسن جنهن جي اڳيان منهنجو وجود ڪنهن واچوڙي جي جهوڪي جيان اڏامي گم ٿي وڃي ٿو، تنهنجي حسن اڳيان منهنجا سڀ خيالي خدا خاڪ ٿيو وڃن ٿا، من اندر جوڙيل سيئي مقدس گاهون پٽ تي ڪري ڊهي پون ٿيون، اندر ۾ هڪڙو زلزلو برپا ٿي ٿو جنهن جي برپا ٿيڻ کان پوءِ هڪ نئي ڪائنات تخليق ٿئي ٿي، هڪ اهڙي ڪائنات جنهن جو محور ۽ مرڪز صرف جو صرف تون هجي ٿي.

آءُ پنهنجي من اندر تخليق ٿيل اُن ڪائنات جو جڏهن جائزو وٺڻ شروع ڪيان ٿو ته مون کي اول کان آخر تائين صرف جو صرف تنهنجو اولڙو ڏسڻ وٽان ملي ٿو، مون کي منهنجي من اندر تخليق ٿيل اُن ڪائنات جي هر هڪ منڍ توڙي هر هڪ پُڇُڙُ ۾ صرف جو صرف تون نظر اچي ٿي، اِهو ڪمال منهنجي ديوانگي جو آهي يا وري تنهنجي حسن جو آهي ان بابت آءُ اجا تائين ڪو حتمي راءِ جوڙي ناهيان سگهيو.

**ها پرين تون مرڪندي ڪر**

تنهنجي مرڪ منهنجي لاءِ اُتساهه جو سبب بڻجندي آهي پرين

تون مرڪندي ڪر ته جئين منهنجا هي نماڻا نيڻ تنهنجي مرڪندڙ چهري کي ڏسي ڪري تسڪين حاصل ڪندا رهن.

زماني جون سختيون ڪڏهن ڪڏهن دل کي مايوس ڪري وجهنديون آهن پر وري به جڏهن تنهنجي مرڪ ياد ايندي آهي ته من اندر موجود سڀ مونجهارا پاڙهي جاڻ ختم ٿي ويندا آهن.

آءُ حالانڪ هن دنيا جي جوڙيل دستورن کان ڪنهن قدر مطمئن ناهيان ۽ انهن جي خلاف اِن جي ڪري پڻ آهيان جو اِهي هٿ ٺوڪيا سڀ دستور پاڻ ۾ پنهي کي هڪ ٻئي کان روڪيون وينا آهن پر اِن جي باوجود به تنهنجي مرڪ منهنجي مُرجهايل من کي نئي زندگي بخشي ٿي.

ان لاءِ تون مرڪندي ڪر

ها اهو ڏينهن به نيٺ اچڻو آهي جڏهن پاڻ ٻئي گڏ ويهي ڪري هڪ ٻي جي نيڻن ۾ نهاري ڪري مرڪنداسين.

## منجهِـي پيـو آهـيان

اهو سوچيندي ڪافي ڏينهن کان منجهي پيو آهيان ته توکي خط لکان يا نه لکان، توکي پنهنجي حال کان واقف ڪريان يا خاموش ٿي ڪري توکي اهو محسوس ڪرايان ته آءُ سکيو ستابو آهيان، توسان قرب جا ڪجھ منڙا ٻول ٻولڻ لاءِ انگل ڪريان يا وري خاموشي جا تاڪ پنهنجي مٿان نافذ ڪري صبر جو دامن پڪڙي ويهي رهان، سچ پچي ته ڏاڍو منجهي پيو آهيان.

ڏاڍو منجهي پيو آهيان اهو سوچيندي ته تنهنجي راهن تي ويهي هر روز تنهنجو ديدار ڪريان يا نه ڪريان، ها ڏاڍو منجهي پيو آهيان اهو سوچيندي ته تنهنجا مليل سڀ تحفا توکي واپس ڪريان يا انهن کي پاڻ وٽ ناياب سمجهي ڪري سنڀالي رکان، ها ڏاڍو منجهي پيو آهيان اهو سوچيندي ته توکي هر روز ڪال ڪري توسان ڳالهايان يا وري توکي بس هڪ عدد مسڊ ڪال ڏئي مڙئي پنهنجي يادگيري ڏياريان.

ها پرين آءُ ايتري ته قدر منجهي پيو آهيان جو هاڻ خود به سڄو سارو مونجهارو بڻجي چڪو آهيان، حالانڪ ان مونجهاري منهنجي اندر جي سڀني مونجهارن کي جيتوڻيڪ ختم ڪري ڇڏيو آهي پر ان جي باوجود توکي ياد ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ وارو مونجهارو مونکي پاڻ کي هڪ وڏي مونجهاري ۾ مبتلا ڪيو وينو آهي.

## هي بي رحم زمانو

هي بي رحم زمانو جنهن جا اتفاق سان تون ۽ مان به حصا آهيون، پاڻ کي هڪ پل لاءِ به خوش ڏسڻ نٿا چاهن، هڪ طرف ڪان رسمن جي ديوار ٻٽائي ڪري پاڻ کي باندي ڪرڻ جو سوچي رهيا آهن ته ٻي پاسي پاڻ ٻنهي کي هڪ گهڙي لاءِ به خوش ٿيڻ نه ٿا ڏين آءُ شڪايت ڪرڻ جو هزارين دفعا سوچيندو آهيان پر هر دفعي اهو سوچي ڪري مايوس ٿي ويندو آهيان ته شڪايت ڪيان به ته ڪنهن سان ڪيان، منهنجي سڏ کي ڪير ورنائيندو، منهنجي درد کي ڪير سمجهي سگهندو، منهنجي ڪيفيتن جو اندازو ڪير لڳائي سگهندو، پوري سنسار ۾ اهڙي ڪو هڪڙو به اهڙو وجود مون کي نظر نه ٿو اچي جنهن کي پنهنجو سمجهي پنهنجي اندر جو احوال ڏئي سگهان.

تون سوچيندي هوندين ته آءُ هن بي رحم زماني جي شڪايت خدا کي ڇو نه ٿو ڪريان، اگر جي تون وٽ مون بابت اهو گمان ذهن ۾ پلجي ٿو ته پوءِ ٻڌ پرين، خدا کي آءُ ڪنهن جي شڪايت ڪريان، انهن جي، جيڪي هر روز اُن جي اڳيان پنهنجو سر جهڪائي ڪري پاڻ کي پرهيزگار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُذل آهن يا وري انهن جي جن جي ۽ خدا جي وچم ايتري ئي دوري آهي جيتري هن مهل تنهنجي ۽ منهنجي وچم آهي خدا انهن کوٽن سڪن ۽ پڻ مون جهڙي ڪوتي سڪي جو فيصلو ڪئين ڪندو، اسين ۽ اُهي جيڪي تنهنجا مائٽ آهن جيڪي خدا جي نظر ۾ شايد ڪوتا سڪا هجن انهن جي وچم ڪئين صلح ڪندو، ٻه چور هڪڙي عادل ڪان انصاف جي گهرج ڪهڙي تقاضائن مطابق ڪري سگهن ٿا.

منهنجي نظر ۾ اهو فيصلو خدائي ڪورٽ ۾ ڪٽي وڃڻ جهڙو هر گز ناهي ها باقي قسمت تي ملامت ڪري سگهجي ٿي، ڇو ته تنهنجي ۽ منهنجي معاملي ۾ گهڻو عمل دخل قسمت جو آهي، پنهنجو اصل ڏوهي قسمت آهي يا وري ٿي سگهي ٿو پنهنجي هٿن ۾ موجود قسمت واريون لڪريون ڏوهي هجن، پر هڪڙي ڳالھ اها به ياد رکجان ته تنهنجي ۽ منهنجي وچم ويڇا وڌائيندڙ جيڪي به عنصر هوندا آءُ انهن کي ڪنهن به قيمت تي معاف ڪونه ڪندس، ڇو ته جوانن جا پلاند پراڻا ناهن ٿيندا.

## دلــبـريــون

چون ٿا جڏهن ڪنهن الهڙ کي عشق لڳندو آهي ته پوءِ اُهو ماڻهو يا ته چريو ٿي ويندو آهي يا وري سيني کان وڌيڪ سياڻو ۽ چالاڪ، ورهين اڳ ائين ئي هڪڙو عدد عشق اسان کي به لڳو هو، هاڻ ته وقت جي تقاضا ۽ زماني جي گهرج مطابق پنج پنج عشق گڏ لڳيو وڃن، برحال جڏهن هڪڙو عشق لڳو هو تڏهن هيڪڙائي جي وصف ۽ سندس انفرادي قوت توڙي اهميت جي چڱي پروڙ پئي هئي، پوري جهان کان بي خبر ٿيندي سموريون سوچون هڪ ئي شخص ڏانهن مرڪوز ٿي وينديون هيون، پنهنجي پاڻ کان هر دم بي خالي هوندي هئي، صحرائن ۾ سبز باغ نظر اچڻ لڳندا هئا، پوري ڪائنات مرڪندي ۽ جهرڪندي نظر ايندي هئي.

پرين جي ياد ۾ دل جو اهو حال هوندو هو جو دل هي لفظ هميشہ پڪاريندي رهندي هئي ” جنهن دم غافل ، سو دم ڪافر“، چا ٿا سمجهو سائين، پرين جي خيال کان هڪ دم غافل ٿيڻ تي پاڻ کي ڪافر هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏبو هو، پوري ڪائنات پرين جو اولڙو محسوس ٿيندي هئي، ڪائنات جي هر هڪ شئي ۾ پنهنجي پرين کي پسڻ لاءِ نگاهون تلاش ڪنديون هيون، پرين بنا هي سجو سنسار افغانستان لڳڻ لڳندو هو ۽ وري جڏهن پرين جو درشن ٿي پوندو هو ته پوءِ ائين محسوس ڪبو هو جڻڪ بنا ويزا ۽ ٽڪيٽ جي پئرس ۾ پهچي ويا آهيون، انهن بنا ڪرائي وارن سفرن ڏاڍو تسڪين عطا ڪيو.

وري جڏهن محبوب ڪجھ عرصي تائين نظر نه ايندو هو ته پوءِ وري روحاني طرح سعودي عرب پهچي ڪري خدا جي محبوب جي گهر آڏو ڌرڻو هڻي ڏئي ڪي پنهنجي محبوب جو واسطو ڏئي ڪري پنهنجي محبوب جو ديدار گهري ونبو هو.

**پرين جي پيار جي پرچي**

برھ جي باھ ۾ پچرندي ڪافي عرصو گذري چڪو ھو، تہ وري اچانڪ پرين جي پيار جي پرچي موصول ٿي، پڙھي ڪري من جو سارو ماحول مھڪڻ بدران مايوس ٿيڻ لڳو سندس لکيل ھڪ ھڪ لفظ مون کي نراسائي ڏانھن ڌڪڻ لڳي ۽ سندس طرفان موصول ٿيل خط کي مڪمل پڙھي نہ سگھيس.

هُو لکي ٿي تہ:

تہ ۽ حالاتن آڏو ايڏو مجبور ٿي وئي آھيان جو مون کي توڏانھن ھي خط لکڻو پيو، ھڪ ڳالھ جي پڪ رک تہ ھاڻ حالتون ساڳيون ناھن رھيون، ھاڻ رات جي پھر ۾ ستارن جي سجاوٽ ڪاوڙ توڙي چِڙ ڏياري ٿي، ھاڻ الاءِ ڇو اڪين مان پاڻي نڪرڻ بند ٿي ويو آھي، ھاڻ تہ گلابن جي خوشبو بہ من کي نٿي مھڪائي، سڄو سارو ماحول اڻ وڻندڙ توڙي پنھنجي خلاف محسوس ٿيڻ لڳي ٿو.

نيڻن منجھ سمايل سپ خواب ساييان ماڻڻ کان اڳ ئي چڪنا چور ٿي ڪري پسمر ٿي ويا آھن، ۽ حالتن جي اڳيان ايڏو تہ ڪمزور ٿي وئي آھيان جو ھاڻ پنھنجي پاڻ کي سنڀالي بہ نہ ٿي سگھان، سو سگھارو ئي ڪوئي ڪلياڻ ڪري پنھنجي پريت جي ريت کي برقرار رک نہ تہ پيار ڪرڻ وارن جي نظر ۾ پاڻ قيامت تائين گھنگار لکيا ويندا سين اجا وڌيڪ پڙھڻ جي ھمٿ پاڻ ۾ سمجھي نہ سگھيس ۽ خط کي بند ڪري اکين منجھ جاري ٿيندڙ لڙڪن ساڻ پرين کي سارڻ لڳس.

## راز نِياز جون ڳالھيون

## اي جان بهاران

گهڻي عرصي کان سوچيم پي ته توسان ڪجھ راز نياز جون ڳالهيون اُوريان، سوچيندو ته گهڻي وقت کان ئي رهيم پر وري ڪڏهن حالاتن اجازت نه پي ڏني ته وري ڪڏهن وقت ساٿ نه پي ڏنو، هن مهل وقت توڙي حالاتن کي پنهنجي گرفت ۾ ڪري توکي پنهنجي دل جو احوال لکي رهيو آهيان.

تون کي ياد هوندو ته جنهن ڏينهن پاڻ پهريون دفعو هڪ ٻي سان ڊپارٽمنٽ جي ڪينٽين ۾ عليڪ سليڪ ڪيو هو تنهن ڏينهن منهنجي بار بار موبائل طرف نهارڻ واري عمل مون کي ڪيترو نه شرمندو ڪرايو هو، تون اِهو سمجهي رهي هئي ته ڪو آءٌ تو کان بي زار ٿيندي بار بار موبائل طرف نهاري رهيو آهيان حالانڪ ائين نه هو، تنهن مهل منهنجي دل جي دڙڪن ايتري ته تيز ٿي چڪي هئي جو منهنجا هٿ بنا ڪنهن جواز جي ڏڪڻ لڳا هئا ۽ منهنجون نظرون توکي ڏسڻ کان پوءِ سنئو سڌو موبائل ۾ ڪپي پئي ويون ان کان علاوه تو هڪ دفعي مون کان پڇيو هو ته مون کي فلسفي جي عنوان تي ڳالهائڻ وڏيڪ پسند ڇو آهي، اهو ان ڪري ته آءٌ فلسفي کي ٻين علمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وسيع ۽ ڳجهو علم سمجهندو آهيان، ٻيا علم جيتوڻيڪ ڪنهن مهدود مدار ۾ ماپي ڪري اُتي بس ڪندا آهن يا وري وڌيڪ وضاحت ڏيڻ کان قاصر هوندا آهن ان جي ڀيٽ ۾ فلسفي جي علم ۾ انيڪ رمز ۽ راز سمايل هوندا آهن جيڪي فڪر ڪرڻ سان نروار ٿي ڪري سامهون ايندا آهن ان لاءِ مون کي فلسفي جو علم ٻين علمن کان وڌيڪ عزيز آهي.

پيار جي فلسفي کي ئي ڏس ڪٽي ان ۾ ڪيتري قدر ڪشش سمايل آهي جو مون جهڙي ڇڙواڳ مزاج رکندڙ فرد کي به ان فلسفي وقت سان گڏ هلڻ جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي.

## عشق جي افسردگي

**منهنجا دلنواز دلبر**

جڏهن کان هن دل جي ڳلي مان تنهنجو گذرڻ ٿيو آهي تڏهن کان هنن نيٽن مان ننڊ توڙي خمار کنهن اڻ ڏٺي پار ڏي پرواز ڪري ويا آهن، آءُ ڪائنات جي هر هڪ جُز توڙي ڪُل ۾ توکي تلاش ڪندي پنهنجي اڌوري پن کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهيان، منهنجي هر هڪ ساهه سان تنهنجي سار منهنجي دل ۽ دماغ ۾ گردش ڪرڻ لڳي ٿي، تنهنجون سوچون بارش بڻجي ڪري منهنجي من جي وارياسي سرزمين کي شاد ڪن ٿيون، آءُ ماڪ ڦڙو بڻجي وقت جي وهڪري ۾ وهڻ لڳا تو.

سوچن جو سمنڊ جڏهن پنهنجي سرمستي ۾ مون کي لوڙهي وجهندي آهي ته تڏهن آءُ ان وقت پاڻ تي ضابطو آڻيندي ڪنهن مها ليکڪ جي تحريرن کي پڙهندي ان جي لکيل لفظن ۾ پناهه وٺڻ لڳندو آهيان، ڪڏهن ڪنهن شاعر جي شاعري ۾ گم ٿي ڪري پاڻ کي محفوظ ڪرڻ جو سوچيندو آهيان ته وري ڪڏهن پوري هن ڪائنات کي پنهنجو گهر سمجهندي اُن ۾ تحليل ٿي وڃڻ چاهيندو آهيان.

آءُ تنهنجي چاهت ۾ هر روز نه ڄاڻ الاءِ ته ڪيترا روپ ڌاريندو رهندو آهيان، منهنجا سڀ روپ، منهنجا سڀ رنگ تنهنجي وجود کي تلاش ڪندي ڀٽڪيل روح وانگر ڪڏهن ڪٿي ته وري ڪڏهن ڪٿي ڀٽڪندا رهن ٿا، تنهنجو عڪس منهنجي اڌوري پن کي مڪمل ڪري منهنجي وجود جي ان تلاش کي ماٺار عطا ڪندي.

**لِکِئي جُون لامُون**

جڏهن انسان منجهان ڪوشش ڪرڻ واري قوت ڪمزور ٿيڻ لڳندي آهي ته تڏهن وري قسمت تي اعتبار ڪرڻ وارو عقيدو سگهارو ٿيڻ لڳندو آهي حالانڪ اڄ تائين دنيا جي ڪامياب ترين انسانن قسمت جي آسري تي پنهنجي مستقبل ڪي ڪڏهن به ڪين ڇڏيو آهي پر ڇا ڪجي اسان جي معاشري جي اڪثريت عقيدن جي اوٽ ۾ محنت ڪرڻ کان قاسر آهن قوت، وسيلا توڙي موقعا ميسر هجڻ جي باوجود قسمت تي ڀاڙي ڪري پنهنجي آئيندي جو اختيار ڪنهن اهڙي قوت حوالي ڪري ڇڏيندا آهن جنهن قوت جي وجود بابت به وٽن ڪو خاص خاڪو يا ظاهري شڪل موجود ڪين هوندو آهي.

انسان هن ڪائنات جو محور ۽ مرڪز هجڻ جي باوجود به جيڪڏهن پاڻ کان ڪمزور قوتن جي حوالي ڪري ۽ پنهنجي مستقبل ڪي سنوارڻ جو نيڪو ڪين ڏئي ڪري پاڻ سڪون واري حالت ۾ گوشا نشين ٿي ته پوءِ شايد قدرت وارو به سندس مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو، ٿيندو ائين آهي ته جڏهن اسين ڪنهن ڪم يا ارادي ۾ ناڪام ٿيندا آهيون ته تڏهن يڪدم اسان جي ذهن تي اِهو خيال تري ايندو آهي ته شايد اِها شئي اسان جي قسمت ۾ نه هئي.

هاڻ جڏهن قسمت پاڻ ايڏي ڪمزور ۽ بي وس هوندي آهي جو ڪيس ناهڻ توڙي سنوارڻ ۾ اهم ڪردار حضرت انسان جو پنهنجو ئي هوندو آهي پر ان جي باوجود به جڏهن حضرت انسان نراسائي توڙي ناڪامي واري حالت ۾ ڪيس قصور وار نهرائي ڪري پاڻ کي آجو رکڻ چاهي ته شايد اِها سندس علم توڙي پنهنجي ضمير سان ڌوڪو، ٺڳي ۽ دولاب تصور ڪيو ويندو ان کان وڌيڪ حضرت انسان جي چالاڪي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

حضرت انسان ازل کان ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ بنيادي طور پنهنجي محنت جا ڳُڻ ڳائڻ لڳندو آهي ۽ پاڻ کي فاتح ثابت ڪندو آهي پر وري ان جي برعڪس ناڪام ٿيڻ جي صورت ۾ سڄو نيڪو قسمت جي پاند ۾ هٽي پنهنجو پاند آجو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل

هوندو آهي، پاڻ کي بي قصور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيڪو عمل به يقينن هڪ وڏي خيانت ڪرڻ جيترو غير مهذب عمل آهي.

انسان جو ڪنهن به ڪم توڙي عمل ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ ناڪام ٿيڻ جو اصل ڪارڻ سندس سوچ، سندس ڪوششون، سندس صلاحيتن جو استعمال ۽ سندس حڪمت عملي جو هجڻ آهي، جڏهن حڪمت عملي ئي مناسب نموني سان جڙيل نه هوندي ته پوءِ يقينن ان عمل جو نتيجو به ايترو ئي ڀيانڪ ثابت ٿيندو، ان لاءِ سڀ کان پهريان سوچ جي رخ کي تبديل ڪري نئي سري نئي سوچ جي اڏاوت ڪري ناڪام ٿيڻ جا مکيه سبب ڳولجهن پوءِ وري انهن کي تبديل ڪري انهن جي جڳهه تي ڪار آمد توڙي لائيائتا لاڙا نافذ ڪجن پوءِ ڏسو ته نتيجا ڪيترا نه حيران ڪن اچن ٿا.

تڏهن ئي ته ڪنهن ڏاهي چيو آهي”جهڙي سوچ تهڙي زندگي“، انساني زندگي کي پر سڪون توڙي بي سڪون بنائيدڙ دراصل سوچ ئي آهي، مثبت سوچ مثبت حڪمت کي جنم ڏيندي آهي ۽ منفي سوچ منفي عملن جي پرورش ڪندي آهي ان لاءِ پاڻ کي وقت ۽ حالاتن سان گڏ ڪٺي هلڻ لاءِ انهن جي رخ سان هلڻو پوندو ۽ پنهنجي وسيع سوچ وسيلي سندن هر هڪ پهلو تي فڪر ڪري پاڻ کي انهن جهڙو بڻائي ڪري انهن کان فائدو حاصل ڪرڻو پوندو.

باقي قسمت تي ڀاڙيندي الاءِ ته ڪيترن ئي فردن جا لاهه نڪري ويا ۽ الاءِ ته ڪيتريون حسرتون دل ۾ دفن ٿي ڪري موئن جو دڙو بڻجي چڪيون آهن.

## منهنجي اندر منجهه تنهنجو اولڙو پرين

رسمي لحاظ کان اگر جي آءُ ڳُٽپ ڪندس ته پوءِ منهنجي توسان محبت پهرين محبت ڪونه چورائيندي پر پاڻ وٽ ته محبت ڪي ماپڻ جا ماپا ئي الڳ آهن، آءُ جڏهن ڪنهن پل خاموش هوندو آهيان ته انهي مهل عين اُن گهڙي تنهنجو عڪس منهنجي ذهن تي نمايا ٿي ايندو آهي، منهنجو ذهن توکي سوچڻ کان علاوه ٻين مڙني ڪمن کان جواب ڏئي ويندو آهي، آءُ تنهنجي يادن ۾ گم ٿي ويندو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي تلاش ڪندو رهندو آهيان.

تلاش ڪرڻ جي باوجود به آءُ پنهنجي پاڻ کي ڪٿي به ڳولي ناهيان سگهندو، اُهو ڪمال تنهنجي محبت جو پهريون ڪمال آهي جيڪو مون کي تنهنجي وجود ۾ فنا ڪري منهنجي هستي کي ئي گم ڪري ٿي ڇڏي، آءُ پنهنجو پاڻ کي گهٽو ئي پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياريندو رهندو آهيان پر ان جي باوجود به مون کي ڪو هڪ به اهڙو جواز ملي ناهي سگهندو جنهن جي بنياد تي آءُ پنهنجي پاڻ کي انفرادي طور تي الڳ وجود ثابت ڪري سگهان.

عشق ۾ حساب ۽ ڪتاب ڪا به معني ناهن رکندا، جنهن تي دل اچي ويندي آهي ته ان سان لاڳاپيل هر هڪ شئي سان عقيدت پاڻهي جاڻ پيدا ٿي ويندي آهي، محبت دراصل آهي ئي عقيدت جو معراج، هڪ اهڙو معراج جنهن ۾ سڀ ڪجهه هوندي به جٽڪ ڪجهه ناهي هوندو، ظاهري طور دنيا جي ريتمن رسمن سان مهاڏو اٽڪائي ڪري دل جتان ڪان پاڻ پلڻ چاهيندي آهي اُتان پاڻ کي هرگز به پلي ناهي سگهندي، پاڻ پلڻ وسارڻ جو هڪ نادر نمونو آهي.

ان لاءِ منهنجي دل جا ڪنول تون اهو ياد رکجاءُ ته آءُ هر گهڙي، هر پل، هر سيڪنڊ، هر منٽ توکي پنهنجو مرڪز سمجهندي تنهنجي مدار جي ارد گرد ڦرندو رهندو آهيان ڇو ته تون منهنجي عشق جو محور ۽ مرڪز آهين، پنهنجي مرڪز کان هٽڻ منهنجي بقا جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو، تنهنجي مدار ۾ مون کي گهمائڻ شايد فطرت جو ڪو تجربو يا راضپو آهي ان لاءِ پاڻ فطرت جي قانونن تي عمل پيرا ٿيندي هڪ ٻي جا پياڪ ٿي سگهون ٿا.

اڄ ته زماني سان بغاوت ڪري هڪ ٻئي جي نيڻن جا اسير ٿي پئون.

# اکڙين کان اکين تائين جو سفر

رات جو چڱو پهر گذري چڪو آهي، اجهو پر واري مسجد مان ”اٿو مسلمانو روزا رکو“ واري صدا بلند ٿيڻ تي آهي، ان مسجد مان بلند ٿيندڙ ان صدا کي ٻڌندي اڄ تقريبن مون کي پندرهون ڏينهن گذري چڪو آهي پر ان جي باوجود آءُ سندس ان گذارش تي ڪڏهن اٿيو ناهيان، مون ڪڏهن سندس ان صدا جي موٽ ۾ ڪيس لبيڪ ناهي چيو، چو ته ان آواز جي بلند ٿيڻ تائين آءُ توکي ئي سوچيندو رهندو آهيان پر جڏهن اهو آواز بلند ٿيڻ لڳندو آهي ته تڏهن منهنجي سوچڻ واري تسلسل کي اهو آواز ٽوڙي وجهندو آهي آءُ ڪنهن به قيمت تي توکي پنهنجي سوچن کان پري رکڻ نٿو چاهيان.

منهنجا نيڻ پوري رات ستارن جي سجاوٽ ۾ توکي تلاش ڪندا رهندا آهن، ڪنهن مهل چنڊ جي چاندوڪي ۾ تنهنجي هڪ جهلڪ ڏسڻ خاطر ڪي ئي ساعتون سُن ٿي وينديون آهن ته وري ڪنهن مهل ڪائنات جي ارد گرد نظرن کي ڦهلائي ڪري تنهنجي جانچ پڙتال ۾ لڳي ويندديون آهن، منهنجون اکڙيون خواب ڏسڻ کان عاري ٿي ويون آهن ڪين اِها پڪ کي ڏينهن پهريان کان ئي ٿي چڪي هئي ته بند اکين جا خواب اڪثر ساڀيان کان خالي ثابت ٿيندا آهن ۽ وري کليل اکين سان خواب ڏسڻ جي اجازت ڪين ڪين آهي، چو ته هي زمانو ازل کان مصنوعيت ڏي مائل آهي ۽ ڪين حقيقي فراق، وصال توڙي حاصل جي خبر ئي ڪانه آهي.

تنهن جي باوجود به اکين کي تلاش آهي انهن اکين جي، جن اکين هنن اکين جي سڪون کي پاڻ سان گڏ ڪنهن اڻ ڏٺي پار ڏي موڪلي ڇڏيو هو، شايد ڪنهن اهڙي پار ڏي جتي نيڻن جا سوداگر گهٽا هئا، جتي دل لڳي توڙي اندر جي احساسن جو ڪو مناسب مُلهه نه هو، تنهن هوندي به ڇا ڪجي، اکڙين اڇي من اندر مانڌاڻ مچائي جو مون کي هڪ صوفي جي ڪلام جا ڪجهه بند ياد اچڻ لڳا، جنهن جا ٻول هيا ته” اکڙين کي ڪيان مان ڇا، جو ڪَلوُر ڪري آيون، محبوب ڏسي من کي مجبور ڪري آيون“، منهنجو من به واقعي ئي مجبور ٿي ڪري تنهنجي اکڙين کي تلاشي رهيون هيون.

آءُ رات جي پهر ڪان بي نياز ٿي ڪري تون ڪي پنهنجي سوچن ۾ ڳولي رهيو هيس، سوچيندي سوچيندي آخر منهنجي سوچڻ واري سگهه به جواب ڏئي وئي، مٿان آسمان جا ستارا مون تي ٺٺوليون ڪرڻ لڳا، منهنجي کٽ جي سيراندي جي پاسي کان هڪ اُلُو اچي ڪري وينو، سندس موجودگي مون کي پنهنجي پاڻ کان نادان ثابت ڪرڻ ۾ مصروف عمل هئي، آءُ سندس موجودگي کي غير موجودگي پائيندي وري به تو کي سوچڻ لڳس، آسمان طرف نهارڻ لڳس، ڪائنات جي وجود بابت پنهنجي پاڻ کان سوال جواب ڪرڻ لڳس.

مون کي ڪائنات جو هر هڪ رخ، هر هڪ جوهر، هر هڪ منظر خوبصورت ڪان خوبصورت محسوس ٿيڻ لڳو، پر ڪن پل ۾ وري سڄي حُسناڪي مون کان موڪلائي توڏي پيرين پنڌ ڪرڻ لڳي، آءُ جسماني طور پنهنجي بستري تي سُن ٿي ڪري پيو هيس پر ان جي باوجود منهنجون سوچون ڊورن ڪئميرا بڻجي ڪري تو کي تلاشي رهيون هيون، منهنجي نيڻن جي بيقراري جو اصل سبب تنهنجا ترشيلا پورا نيڻ آهن جن ۾ کٿ جبل جيترا وڏا خواب پروان چڙهي رهيا آهن.

# ڪاغذ جو گهر

ڪالهه رات جڏهن مون رستي ويندي تنهنجي هڪ جهلڪ پسي ته سچ ٻڌايائين منهنجا هوش خطا ٿي ويا، ذهن ۾ جڻ طوفان برپا ٿي ويو، گهر پهچندي پهچندي منهنجي سوچن تي تنهنجي حسن جي جهلڪ هاوي ٿي وئي، آءُ صفا نڍهال ٿي پيس، هڪ طرف وقت جي ستم ظرفي پي دل جلايو ته ٻي طرف هن زماني جي فرسوده ريتن ۽ رسمن تي سوچيندي منهنجو اندر پي جليو، مون پاڻ کي ڪنهن هارايل سپاه سالار وانگر پي محسوس ڪيو جنهن جي وس سڀ ڪجهه هوندي به ڪجهه باقي ناهي هوندو.

مون محبت ڪرڻ وارن جي ڪيفتن کي هڪ ڀيرو وري محسوس ڪيو، مون محسوس ڪيو ته جڏهن نيڻ ڪنهن نيڻن جا اسير ٿي پون ته تڏهن هنن نيڻن مان ننڊ رُسي ويندي آهي هنن نيڻن منجهه پلجندڙ خواب طوفان جي ڪنهن لڏندڙ ٻيڙي ۾ سوار ٿي ڪري ڪڏهن ساڀيان جا سُڌ ڏيندا آهن ته وري ڪڏهن ٻڏڻ جا چٽا امڪان ظاهر ڪندا آهن.

آءُ به ڪالهه رات اِن ٻيڙي جيان پنهنجي خيالن ۾ ڪڏهن ٻُڏا پيو ته وري ڪڏهن ترا پيو، ڪنهن پل پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ پي آئي ته وري ڪنهن پل هن سماج جي طرفان نافذ ٿيل ريتن ۽ رسمن تي ڪاوڙ پي آئي منهنجو قصور صرف ايترو هو جو مون تنهنجي نيڻن ۾ سمايل سنهي کي سمجهي نه سگهيو هيس ۽ سماج تي ان ڪري ڪاوڙ پي آهي جو انهن پنهنجي ڪم عقلي عيوض تنهنجي قسمت جو فيصلو جلد ۾ صادر ڪري ڇڏيو هو، آءُ ٻنهي صورتن ۾ تو کان ڪوهه ڏور ڏڪاريل هيس، ان لاءِ جيترو آءُ قصور وار آهيان اُترو ئي تنهنجا پنهنجا به قصور وار آهن.

# اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي

پوري ڪائنات جا جاندار جڏهن ننڊ جي آغوش ۾ هوندا آهن ته تنهن مهل منهنجا هي نماڻا نيڻ بيدار ٿي پوندا آهن، بيدار ٿيل نيڻن ۾ تنهنجي يادن جا قيد ٿيل لمحا نظر اچڻ لڳندا آهن، هڪ ته ڌرتي تي رات جي سانت ٻريو ماحول ٻيو آڪاش تي ستارن جي حسين سجاوٽ، ٽيون منهنجو اڪيلو وجود جيڪو تنهنجي متلاشي هجي، چا ٿو سمجهي، ڪيڏي نه ڪهر ٻري رات هوندي سا جيڪا مون تي گذري هوندي

ڪنهن مهل رات جي وقت هلندڙ ٽڏڙي هير کي پنهنجو آئيني گواهه بڻائي پنهنجي بي وسي جو حال ڏيندو رهندو آهيان ته وري ڪڏهن پنهنجي آس پاس موجود هر هڪ وجود سان مخاطب ٿي ڪري تنهنجي لاءِ ڪين سلام دعا بطور امانت ڏيندو رهندو آهيان، ڪائنات منجهه موجود هر هڪ وجود پيار واري ٻولي سمجهي ٿو ۽ پيار ڪرڻ وارن جا ساٿاري پڻ بڻجن ٿا، ان لاءِ ڪڏهن ڪين پنهنجو همراز بڻائيندي پنهنجا سمورا راز ٻڌائي ڇڏيندو آهيان.

جڏهن سڪ صرف نيڻن کي هجي ته ان کي ڍڪي سگهجي ٿو، جڏهن سڪ صرف دل کي هجي تب ان کي ڍڪي سگهجي ٿو پر ان جي برعڪس جڏهن محبوب جي سڪ پوري وجود کي هجي ته ان مهل انهي سڪ کي نه ئي ڍڪي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ڪيس دٻائي سگهجي ٿو، تڏهن اُها سڪ پوري وجود کي باندي بڻائي ڪري انسان جا سڀ هوش ۽ حواس اڏاريو ٿي ڇڏي.

تڏهن ئي ته محترم حليم باغي لکيو هو ته ”اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي، پرين ڪجي ڇا تنهنجو شهر آ

## تنهنجون يادون ۽ اڪيلائي

عاشق نظاماڻي صاحب جي منڙي آواز ۾ جڏهن هي گانو ٻڌندو آهيان ته سڄو سارو ڌيان، سڄي سمجهه، سڄو عقل، سڄو فهم توڙي دانش هڪ پاسي ٿي ڪري الائي ڪٿي گم ٿي ويندو آهي، ذهن منجهه اُڪريل تنهنجي يادن جا سهڻا توڙي خوبصورت عڪس چٽا ٿي ڪري منهنجي سڄي ڏاهپ کي يرغمال بڻائي مون کي اداسين جي پاڇن اڳيان اچي ڪري ويهاري ٿا ڇڏين.

آءُ دنيا سان گڏ هلڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، پنهنجي پاڻ کي مختلف اٽڪلن سان مصروف رکي رهيو آهيان، اجائي توڙي ننڍڙي نوعيت جي ڪمن ڪارن ۾ به پاڻ اڙايا پيو، ان سڀ ڪجهه ڪرڻ جي باوجود به هن گاني جي هلڻ شرط، آءُ سڄو سارو پنڌ پهڻ ٿي وڃان ٿو، تنهنجي يادن جي گهڙين کي مون تي هاوي ٿيڻ جو ٺاهوڪو موقعو ملي وڃي ٿو، تنهن ٽائيم آءُ صفا زيرو بڻجي ويندو آهيان، منهنجي ڪائي اوقات باقي نٿي رهي، آءُ پنهنجي پاڻ کي تنهن ٽائيم ڪوڪلو محسوس ڪرڻ لڳندو آهيان.

دنيا جي مرضي آهي، اُهي ڀلي منهنجي ڪيفيتن توڙي جذباتن جو مذاق اڏائن، ڪين ڀلي منهنجيون ڳالهيون ڪنهن ديواني جي خواب جهڙيون لڳنديون هجن، پر حقيقت اِها ئي آهي، جيڪا مون تون سان بيان ڪئي آهي، آءُ ڪنهن به قيمت تي تو کي پاڻ کان بي خبر رهڻ نه ڏيندس، منهنجو هر پل، هر گهڙي، هر سيڪنڊ تنهنجي ئي سوچن ۾ گذري ٿو، آءُ سڄو سارو پاڻ کان بي نياز ۽ بي خبر ٿي ويو آهيان.

ڪمال ته اِهو آهي جو هن گاني جا ٻول منهنجي جسم جي هر هڪ انگ انگ مان سُرندي وانگر واڄٽ ڪري وڃڻ لڳندا آهن، منهنجو سڄو وجود بانسري بڻجي ڪري پنهنجي

اندران مختلف سُرن کي جنم ڏيندي رهندي آهي، منهنجو من ڪوئل جي ڪنهن لات وانگر تنهنجي تات ۾ آهي - اي ڪاش جي تون اِهو سڀ ڪجھ سمجهي سگهي ها ته ائين ڇو آهي

# شرميــلي نگاهــون

سندس هر هڪ ادا لاجواب ۽ ڪمال جي هوندي هئي، سندس نهارڻ، نيڻن جو هيڏي هوڏي ڦيرائي ڪري چور اکين سان ڏسڻ، بي سبب تمام ڪان تمام تر ننڍي ڳالھ تي ٺهڪ ڏئي کلڻ، مور وانگر ٿلي ڪري هلڻ، بار بار ڇيچ کي چپن جي وچم مھنو ڏئي ڪري نهارڻ، ڇا ڳالھ ڪجي سندس حسن جي، سندس هر هڪ گفتار جي، سندس مهڪ توڙي ٻهڪ جي، اُن مهڪ جي جنهن مهڪ منهنجي من کي موهي وڌو هو.

سندس نيڻن ۾ شرم انتهائي درجي جي حد تائين سمايل هئي، فون تي سامهون اچڻ جون فرمائشون ڪندي هئي وري جڏهن سامهون ايندي هئي ته شرم وچان اکين کي هيٺ ڪري ڇڏيندي هئي، ڏسڻ ڪان اصلي قطع نبيري وٺندي هئي، سندس ان رويي تي مون کي ڪنهن حد تائين ڪاوڙ به ايندي هئي مگر ڇا ڪجي، چوندي هئي ته " عورت جو سينگار ئي شرم آهي، جنهن عورت منجهان شرم جو عنصر نڪري وڃي ٿو ته پوءِ سمجھ ان ڪان هڙ نڪري وئي.

سندس ڳالهيون، ڪنهن مهان گرو جي گيان جهڙيون هونديون هيون، سندن لبڙن ڪان جاري ٿيل هر هڪ لفظ کي آءُ پنهنجي ذهن منجھ سمائي ڇڏيندو هيس، ڪنهن ڪنهن وقت ته مون چڱي ڀلو ليڪچر ڏئي وٺندي هئي، شال نه مون ڪان ڪا اربع خطا ٿِي، سندس گفتار جو هڪ پهلو مونکي تمام تر محبوب هوندو هو، ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون کي چوندي هئي "يار ناراض ته نٿو ٿي نه"، آءُ ڀلي پيو ان مهل اندر ۾ پچرا تب ان وقت ڪنڌ کي نهڪر ۾ لوڏي ڪري ڪيس اهو اطمنان ڏياريندو هيس ته سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي.

**ناسي نيــڻن واري محبـوبا**

هُو، جيڪا پوري پيار جو قطب مينار هئي، سندس ڳل، گلاب کان وڌيڪ ڳاڙها ۽ ريشم کان وڌ ملائم هئا، سندس لب مبارڪ جي لالاڻ من کي مطهر ڪري ڇڏيندي هئي، سندس مرڪ، صدين جي ٿڪاوٽ کي دور ڪري ڇڏيندي هئي، سندس زلفن جو ڇانورو، ڪڪرن جي ڇانوري کان وڌيڪ دلڪش ۽ دلفريب هو.

هُو، جيڪا حسن جي ديوي هئي، جنهن اڳيان چنڊ جو نور بي نور ٿي ويندو هو، سندس آواز ڪوئل جي لات کان وڌيڪ مٺي ۽ وڻندڙ هو، سندس نيڻن جو ناسي پڻ، اسان جي نيڻن جو سڪون پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي هئي، سندس نڪ جي ڦُلي منهنجي دل جي ڳلي کي بند ڪري ڇڏيندي هئي پوءِ منهنجا سڀ خيال ۽ خواب صرف جو صرف سندس ڏانهن مرڪوز ٿي ويندا هئا.

هڪ ڏينهن آءُ کيس سوچي ڪري روح کي راضي ڪري رهيو هيس ته موبائل جي گهنٽي وڳي.

مون کان پڇيائين ڇا پيو ڪرين ؟

مون کيس وراڻيو سرڪار اوهان جي ئي سوچن ۾ گم آهيون وڏو ٺهڪ ڏئي ڪري ڪي ئي ساعتون کلندي رهي، کلي کلي ڪري چيائين ڪنهن جي يادن ۾ ايترو به گم نه ٿيجي جو ماڻهو کان پنهنجو پاڻ ئي وسري وڃي.

مون به مرڪندي کيس جواب ۾ اهو ئي چيو ته ” بلڪل سائين، اوهان درست پيا فرمايو ته ڪنهن جي يادن ۾ ايترو گم نه ٿيجي پر ڇا ڪجي، ماڻهو پنهنجي وس هجي ته پاڻ کي ظابطي ۾ رکي نه، هت ته ڳالهه وس کان ئي ڇڙهيل آهي اهڙي ريت اسان جي وچم دلفريب ۽ دلڪش انداز ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي، هڪ ٻي سان ڳالهائڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو هو جڻڪ جنت جي هٻڪ محسوس ڪئي هجي، من تازو تازو ٿي ويندو هو، سڄو سنسار مهڪڻ لڳندو هو، دل جهومڻ لڳندي هئي ۽ اکين ۾ وري نوا خواب جنم وٺڻ لڳندا هئا، انهن خوابن جي ساڀيان لاءِ آءُ فڪر مند رهندو هيس.

انسان جڏهن فطرت طرفان آڇيل بهارن کي پليڪار چوڻ بدران رد ڪندو آهي ته تڏهن وري ڪيس موٽ ۾ خزا جي اڻ کٽ موسم نصيب ٿي ملندو آهي، محبت پنهنجي اندر ايتري فطري صلاحيت رکي ٿي جو اُهو دنيا جي ڪنهن به طاقتور عنصر سان مقابلو ڪري ڪيس هارائي سگهي ٿو، جذبا جڏهن جوان ٿيندا آهن ته پوءِ انهن کي صحيح ۽ غلط جي پرک ڪرڻ جو فن وسري ويندو آهي، انسان جي فطرت اِها به رهي آهي ته جيڪا شئي سندس حاصلات کان ڪوه ڏور هلي ويندي آهي ته پوءِ پيو انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو آهي ۽ ان جي ياد ۾ پنهنجو آئيندو وساري ڪري پنهنجي هلندڙ وقت کي پيو نقصان پهچائيندو آهي.

لاحاصل محبت لاءِ سنڌ جي پلوڙ شاعر حسن درس فرمايو هو ته

اڌڙوٽ عمر جي عورت کي،
مون خط لکيا مون پيار ڪيو
هوءَ هر پيري مرڪي پئي،
هن هر پيري انڪار ڪيو
ڪئين پيرا هن کي گهوريندي،
هيءَ منهنجي اک ڏڪي هوندي
هوءَ سمجهي ويندي هئي پل ۾،
هن مرڪي ڊاڪ ڊڪي هوندي
هوءَ جنهن جا هٿ گلاب هيا،
۽ منهن ۾ اجرو جهرٽو هئي
هوءَ جيڪا ساري اس جيان،
۽ پاٽي ۾ ڪو ڪرٽو هئي
اڄ سيارو آهي رئاري ٿي،
هوءَ ڪنهن جي چادر ٿي هوندي
هوءَ جيڪا منهنجي ٿي نه سگهي،
بئي ڪنهن جي آخر ٿي هوندي.

## ڪولڊ ڊرنڪ واري محبوبا

محبوب پاڪن جون صفتون به عجيب و غريب هونديون آهن، هڪڙن محبوب پاڪن ڪي سندن چاهيندڙن جي رنگ ۽ ڍنگ تي اعتراض هوندو آهي، هڪڙن کي وري سندن چاهيندڙن جي افعالن تي اعتراض هوندو آهي، مطلب ته هر هڪ محبوب پاڪ کي سندس عاشق جي ڪنهن نه ڪنهن نقطي نظر تي اختلاف ضرور هوندو آهي.

اختلاف به وري اهڙو، جو اصلي جان ئي آجي نه ڪرائي سگهي ماڻهو، منهنجي هڪ دفعي هڪڙي سونهن جي ديوي سان اکيون اڙيون، ڪجهه عرصو دل لڳي جي موسم، موسم بهار وانگي رهي، وري مٿان خزان جي موسم هٽي هنڌ ڪري ڇڏيو، صفا ميدان پٽ پڌر ڪري ڏنائين، هاڻ اسان جي وچم " ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي ٽنڊو الهيار " واري ڪار لڳي پئي آهي.

سندس سيئي صفتون اعلي پائي جون هيون، پر جڏهن چوندي هئي
ٻڌ
مون کي ڪولڊ ڊرنڪ کپي، سا به ٿڌي،
تڏهن منهنجو من به اڌ تي پوندو هو
خبر اٿئو چو ؟؟؟

ان لاءِ ته هُو اسٽنگ بوتل کان سواءِ ٻي ڪا ڪولڊ ڊرنگ پيئيندي ئي ڪونه هئي سا به صفا يخ ٿڌي، ڪچهري ڪندي ڪندي هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هڪ ڪولڊ ڊرنڪ بوتل ٻڙڪائي ويندي هئي، هڪ ته سندس بوتل پيئڻ واري صلاحيت ڪجهه اضافي هئي وري مٿان پيئندي به مهانگي بوتل هئي، مون لاءَ اذيت ڏيندڙ ڳالهه اِها هئي جو مون کي وري اسٽنگ بوتل صفا وڻندي ئي نه آهي.

اصلي منهنجي پتي تي ئي ڪونه پوندوي هئي، پر آخر ڇا ڪجي، محبوب ته ماڻا - نه ته پوءِ بنا ماڻن واري محبوب ڪان ماڻهو ائين ئي چڱو آهي، سندس دلي لڳي جي رشتي ۾ منهنجي ڪيسي جو ذيان ته ڪجهه جهجو ئي ٿيندو هو پر ان سان گڏوگڏ ذهني اذيت به سهڻي پوندي هئي.

مون سندس سيني يادن کي حساب ڪتاب سميت سميٽي ڪري هڪ ڊائري ۾ قلم بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان ڊائري جي مٿان لکي ڇڏيو آهي، ڪولڊ ڊرنڪ واري محبوبا....!

## اڄ تنھنجي ھڪ چٺي ھٿ لڳي

وقت جي بي رحماڻي سلوڪ تي سوچيندي ذھن جا سڀ در بند ٿيو وڃن، دل جي نگري خالي خالي محسوس ٿيڻ لڳي ٿي، پنھنجي پاڻ کي مصروف عمل رکڻ ۽ ذھن کي ٻي ھنڌ منتشر ڪرڻ لاءِ مون شيلف جي اندري خاني کي کولي ڪري انھي منجھ پنھنجي پيار جون رکيل سيئي ثابتيون ڏسڻ پي چاھيون.

ھُون ته شيلف ۾ انھي پيار مان مليل سيئي سوکڙين ساڻ منھنجي من جون ڪيتريون ئي آسون ۽ اميدون به گڏوگڏ قيد ٿيل آھن، پر پوءِ دل فرمائش ڪئي ته ڪين ھڪ دفعو وري پسجي.

دل پي چاھيو ته چو نه دل لڳي جي زماني جي يادن کي تازگي بخشجي، وري انھن پلن کي ياد ڪجي، جيڪي پنھنجي زندگي جا انمول پل ڪونيا وڃن ٿا.

ان مقصد سان شيلف منجھ رکيل گلاب جي مرجھايل گُل کي ڏسڻ لڳس، تنھنجي ھٿن جي نھيل امھل رومال کي ڏسڻ لڳس، تنھنجي ھٿان گفٽ ٿيل سنھري رنگ جي واچ ۽ ھڪ عدد چاندي منجھ مڙھيل مندي کي ڪي ئي ساعتون پڻ ڏسندو رھيس.

پنھنجي پيار جون اِھي سيئي علامتون، منھنجي اڪيلائي جي اڳيان خاموش ٻيٺيون وينيون ھيون، سڀ جا سڀ مون اڳيان جوابده ھئا، ۽ منھنجيون آليون اکيون اُن پراسرار خط کي ڳولي رھيون ھيون، جنھن ۾ پنھنجي پيار جا سڀ واعده توڙي وڃن، قول توڙي اقرار قلم بند ٿيل ھيا.

خط کي ته ڪاڏي وڃڻو ئي ڪونه هُو، منهنجي دردن ۾ ڪيس اجا وڏيڪ اضافو ڪرڻو هو، ماضي جي يادن کي تازو ڪرڻو هيس، شايد خدا کي به اهو ئي منظور هو ته هڪ فرد پنهنجي سُهانن سپنن جي برباد ٿيڻ جي ڪٿا کي وري ٻيهر هڪ دفعو ورائي ڪري پڙهي، خط شيلف جي ساڄي پاسي ڪان ڪنڊ ۾ هڪ خاڪي لفافي ۾ ملبوس حالت ۾ مليو.

خط کي ڏسندي ئي منهنجا لنگ ڪانداري ويا، دل ۾ خيال آيو ته اي ڪاش ! ، جيڪر خط ۾ لکيل هر هڪ لفظ، هر هڪ قول قرار، هر هڪ واعدو وچن، هر هڪ جذبو، هر هڪ اظهار، هر هڪ اميد، هر هڪ آسرو، هر هڪ خواب، جيڪر مشق عنبر سان لکيل هجن ها ته پوءَ شايد اُهي تڪميل تائين پهچي وڃن ها.

انهن جذبن کي تباه ٿيڻ کان پهريان ئي امرتا ملي وڃي ها، اُهي خواب به ساپيان حاصل ڪري وڃن ها جيڪي تو پنهنجي هٿ اکر لکي مون ڏي موڪليا هئا، تنهنجي انهن ڪليل اکين سان ڏٺل خوابن منهنجي هنن نيڻن مان رات واروي ننڊ هاڻ ڪسي ڇڏي آهي، منهنجي ذهن کي خواب ڏسڻ جي قابل ئي ناهي ڇڏيو، منهنجو من موئن جو دڙو لڳو پيو آهي.

# عڪس يار

زماني جون گردشون، حالات جون سختيون، وقت کان اڳي آيل زميواريون ڪنهن حد تائين ٽڪائي ڇڏيون وجهن، من اندر اُڀرندڙ نفيس احساس ڪنهن ڪنورتا ۾ ڪنورت ٿي ڪري دل جي ڌڙڪن کي تيز هلڻ کان روڪي ڇڏيون ڇڏين، اکيون لڙڪن کي جاري ڪرڻ کان عاري ٿيون پون، نيڻ خواب ڏسڻ کان پرهيز ڪرڻ لڳن ٿيون، لب مسڪرائڻ کان ڪوهه ڏور پري ڀڄڻ لڳن ٿيون، اهڙي سُنسان حالات ۾ وري جڏهن محبت جا ڪڪر نهڻ شروع ٿين ٿا ته ان موسم جو مزو ئي ڪجھ الڳ هجي ٿو.

وري جڏهن اهڙي سڪار واري موسم ۾ محبت جي بهار واري جهڙ جڙڻ لڳي ٿي ته جڻ بي جان جسمن ۾ ساهه پوڻ شروع ٿئي ٿو، ذهن ۾ سبز خيال پرواز ڪرڻ لڳن ٿا، راتين جون رولاڪيون پسند اچڻ لڳن ٿيون، ستارن جي سجاوٽ سهڻي لڳڻ شروع ٿئي ٿي، گل ٻوٽا اڳ کان وڌيڪ حسين محسوس ٿيڻ لڳن ٿا، سجو سنسار پرين جي عڪس ۾ سمايل نظر اچي ٿو.

عجيب رنگ آهه ان دل لڳي ۾، جتي اڙجي وڃي اصلي اتان محبوب پاڪ سان منسوب هر هڪ عنصر سان حد درجي جي عقيدت دل ۾ پاڻ هي پيدا ٿي پوي ٿي، محبوب پاڪ جو گهر پٽ، مٽ مائٽ، اوڙو پاڙو توڙي اُهي روڊ رستا جتان محبوب پاڪ جو گذر ٿئي ٿو انهن سان به عقيدت پاٺهي جاڻ پيدا ٿي وڃي ٿي.

# ڪڏهن پلا ائين به سوچيو اٿئي

ڪڏهن پلا ائين به سوچيو اٿئي ته تو بن منهنجون راتيون ۽ ڏينهن ڪئين گذرنديون هونديون، تو بن منهنجا خيال ۽ خواهشون ڪئين تڪميل تائين پهچنديون هونديون

تو بن منهجيون ڪيفيتون ڪهڙيون هونديون ؟؟؟

تو بن منهنجي حالت ڪهڙي هوندي ؟؟؟

تو ته ڪڏهن به ائين سوچي به نه ٿي سگهي، ڇو ته تنهنجي شهر جا عظيم ديوار منهنجي خيالن کي تو کان ڪوهه ڏور رکنديون ايندون آهن، جنهن سبب منهنجي اندر جون سڀئي ڪيفيتون وقت کان اڳ ئي مري ڪيپي ونديون آهن.

منهنجي من جون سڀ آسون توڙي اميدون آپگهات ڪري مون کي هيڪل هن جهان ۾ ويتر اڪيلو ڪري ونديون آهن، آءُ من ئي من ۾ تڙپندو رهندو آهيان، هت ڪو به منهنجي اڪيلائين جو اندازو نه ٿو لڳائي سگهي.

تو کي ڪهڙي نموني پنهنجي اندر جي احوال کان واقف ڪريان، رابطي ڪرڻ جا سڀ رسمي رستا تو کان ڪٽيل آهن، سڀ واٽون، سڀ رستا، مون کي تون تائين پهچائڻ کان سنئو سڌو انڪاري آهن.

منهنجا سڀ خواب وقت کان اڳ چڪنا چور ٿي ڪري ڪنهن ردي جي ٽوڪري ۾ هليا وجن ٿا، منهنجي اکڙين منجهه سُلجندڙ سڀ سپنا دفن ٿي ڪري ابدي خاموشي اختيار ڪري وجن ٿا.

اي ڪاش

جي تون منهنجي حالتن کان واقف هجي ها

اي ڪاش

جي تون کي منهنجي هاڻوڪي حالت جي خبر هجي ها.

# اوه منهنجي دل جي نگر جي چري ڇوڪري

تون هميشہ اهي ميارون ڏيندي آهين ته آءٌ لاغرض ٿي ويو آهيان، تو کي ياد نٿو ڪريان، تنهنجي سار نٿو لهان، پر تون نه ٿي ڄاڻين ته آءٌ وقت جي هٿن ۾ ڪيئن سوگهو ٻڌيل آهيان، مون کي تنهنجي قرب جا آڇيل پيمانا اڃا به ياد هن، مون ڪان تنهنجي محبت جا سي پل وسريان ناهن، آءُ تنهنجي محبت ۽ سڪ جو قدر دان آهيان پر ڇا ڪريان هن معاشري جو فرد آهيان.

وقت جون ويراڳيون آهن جيڪي توکان هر دفعي پري ڪري ڇڏين، تون ته اهو گمان پاليندي ٿي رهي ته شايد آءُ مغرور ٿي ويو آهيان، هينلو ٿي ويو آهيان پر تون نه ٿي ڄاڻين ته آءُ ڪيترو مجبور ۽ بيوس بڻيو وينو آهيان هن دنيا جي ڪوڙن ريتن، رسمن ۽ ڪلورن آڏو جيڪي مون کي هر دفعي تو کان پري ڪري ڇڏين.

اها ڳالھ ڪڏهن به نه وسارجا ته منهنجي سيني ۾ به هڪ عدد دل آهي جيڪا صرف تنهنجي لاءِ ڌڙڪندي رهندي آهي، ڀلا ڪير تو ان رشتي کي ٽوڙي سگهي جيڪو رشتو دنيا جي رسمي مخالفتن ۽ سختين جي باوجود به پاڻ ۾ جڙيل رهي، محبتن کي ڪير به مات نه تو ڏئي سگهي، پوءِ ڀلي ڪٽي زماني جي ڪيتري به سخت هوا ئي ڇو نه ڪٽي گهلي.

بس تو کي اهو يقين رکڻو آهي ته منهنجي لاءِ تنهنجي دل ۾ جيڪا دوهي دکي پئي سا ساڳي دوهي منهنجي دل ۾ به تنهنجي لاءِ دکي ٿي، محبتن جي رشتن تي اعتبار ڪرڻ سک ۽ انهن جي تقدس جو به خيال ڪندي ڪر باقي پاڻ ڪڏهن به جدا ناهيون ٿيڻا، قدرت واري جڏهن پاڻ ٻنهي جي دل ۾ هڪٻي لاءِ محبت پيدا ڪئي هئي تڏهن شايد ان اسان جي وچم انهن فاصلن کي به مقرر ڪيو هو.

اهي رسمي ۽ جلد ختم ٿيندڙ فاصلا تمام گهڻ عمر جا هوندا آهن، انهن فاصلن کي تويل زندگي نصيب ڪونه ٿيندي آهي محبتن جي هوندي اهي وقتي ويچا ۽ جدايون پنهنجي اهميت جلد وڃائي ڪري ختم ٿي ويندا آهن ان لاءِ انهن وقتي جداين تي غم ذده ٿيڻ تو جهڙي ڏاهي ڇوڪري کي سونهي نه ٿي، يقين رک ۽ پنهنجي هڪ ٿيڻ جو فيصلو وقت تي ڇڏي ڏي، اميد آهي ته ڀلائي ٿيندي.

مون کي تون سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، ڪي ئي ساعتون تنهنجي نيڻن ۾ نهاري ڪري سرور وٺڻو اٿم، تنهنجي لال لبڙن تي مرڪون وکيرڻيون اٿم، تنهنجي هٿ سان هٿ ڏئي ڪري ڪي ئي قدم هلڻو اٿم، تنهنجي ريشمي وارن جي ڇانورن جو اسير ٿيڻو اٿم، تو سان ڪي پل ٿڪ ڏئي ڪلڻو اٿم ته جئين هن ڪائنات جي وشال ۾ پنهنجا ٿهڪ هميشہ لاءِ امر ٿي وڃن.

اوه منهنجي دل جي نگر جي ڇري ڇوڪري، مان انهن نصابن، اصولون توڙي ظابطن کي ئي مروڙي ڪري ڀري ڦٽو ڪري ڇڏيا جيڪي پاڻ ٻنهي جي وچم ويچا پيدا ڪن يا وري مون کي توڙي توکي هڪ ٻي کان جدا سمجهن.

# ڪانگل سائين، ڪٿي گم آهي

سانوڻ ۾ جڏهن صبح صادق جو، سج ايرڻ تائين اک سڳوري ڪونه ڪلي سگهندي هئي ۽ دل اجا ڪي گهڙيون ننڊ ڪرڻ چاهيندي هئي ته تنهن مهل، عين ان وقت منهنجي گهر جي سامهون بجلي واري ٿنبي تي وينل ڪانگل جي ريگهٽ مون کي بيدار ڪري وجهندي هئي، بيدار ڇا، اصلي روح ڪري ڇڏيندي هئي، پهريان ائين محسوس ٿيندو هيم ته شايد ڪانگل خان کي خواب ۾ پيو ڏسان، پر ڪن پل ۾ ئي اک کلڻ شرط، ڪانگل خان کي ٿنبي جي چوٽ تي ويٺي ڏسي ڪري وري کي ساعتون خاموش ٿي ويندو هيس ۽ اندر تپڻ لڳندو هو، اِها ڪار، اِها ويڌن مون سان مڪمل هڪ هفتو رهي، آءُ پورو هفتو خاموش چو رهيس، ان جو به هڪ مڪيه سبب آهي، اُهو آهي اسان جون سنڌي لوڪ چوڻيون.

مکيه سبب لوڪ چوڻي ڪئين، اِهو ائين ته ياد ناهي ڪنهن جي مبارڪ منهن پاڪ سان ٻڌو هيم ته" اگر جي توهان جي گهر جي اڱڻ تي ڪانگل خان اچي ڪري پنهنجو بي سرو ريگهٽ شروع ڪري ته پڪ سمجهو اوهان وٽ ڪو پرين پيارو يا ويجهو عزيز قريب مهمان ٿي ڪري اچڻ وارو آهي"، هن لوڪ چوڻي هٽي هنڌ ڪري ڇڏيو، نپ ناري ڇڏيائين، اصلي لاڪ هٽي ڇڏيائين، خيالن جي اڏامر تي قلم هڪ سئو چوئتاليهه نافذ ڪري ڇڏيائين.

مسلسل پورو هڪ هفتو مستر ڪانگل خان جي بي وقتي ريگهٽ ٻڌي ڪري ڪن جا پردا ذري گهٽ ڪمزور ٿي چڪا هئا، آءُ وري ان آسري تي ته متان ڪو مهمان يا عزيز قريب اچي پوي، سو سڄو هفتو سندس ست سرن کي برداشت ڪندو رهيس، آخر ڪيستائين چپ رهان، هڪ ته آدم ذات آهيان.

پاڻ کان ڪمزور مخلوق تي جلدي ۾ ڪاوڙ ڪرڻ فطري طور وراثت ۾ مليل آهي، ٻيو وري پاڻ وٽ جڏهن انسان، انسان تي رحم نه ٿو ڪري ته پوءِ ٻي مخلوق تي رحم ڪرڻ جو جواز ڪٿان ٿو پيدا ڪري سگهي، ڪيس نڪاٽي تي لائڻ لاءِ بندوبست ڪرڻ شروع ڪيم.

پڪو پهه ڪيم ته اگر جي هن هفتي ڪانگل خان ساڳي طرح منهنجي ننڊ ۾ خلل وجهڻ بند نه ڪئي ته پوءِ شڪار به هڪ ئي گولي جو ٿيندو، گولي به اهڙي جيڪا هڪ سيڪنڊ لاءِ به ساهه کڻڻ نه ڏيس، اصلي صفا اوفٽ ماري ڇڏيس، اهڙو ماريس جو وري ڪڏهن قيامت تائين جئڻ جو ڪو جهان ئي نه جوڙي سگهي، اصلي سوچي ئي نه، اسڪرين تان ائين گم ٿي وڃي جئين بجلي وڃڻ شرط ٽي وي تان نچندڙ ڪڏندڙ ماڻهو گم ٿي ويندا آهن.

مون ڪيس مارڻ جو سڄو سامان گڏ ڪري رکيو هو، ان وچم به هفتا گذري چڪا هئا، ڪانگل خان واپس ورڻ جي ڪا واهڻ نه ڪئي، شايد ڪيس معلوم ٿي چڪو هو ته اڄ واري انسان مان انسانيت ختم ٿي چڪي آهي، هُو درندو، وهشي ۽ بگهڙ صفت بڻجي چڪو آهي، سندس نيت ٻلي جي نيت جهڙي ٿي چڪي آهي جنهن ۾ هميشہ ٻين جي حق ڦٻائڻ جي سوچ پرورش ونندي آهي، شايد هُو ڄاڻي چڪو هو ته هاڻ انساني گهڻ آبادي وارا شهر گڏهن، ڪتن ۽ ٻلين جي گوشت کائڻ کان به ڪونه ٿا مڙن ته متان ڪٿي مون کي شڪار نه ڪري وجهن، شايد هُو هن فزا جي ان گونج کي سمجهي چڪو هو جنهن گونج ۾ گولين جي ٺڪاهه جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

هُو گم ٿي ويو ۽ هُن کي هاڻ هِن سانوڻ ۾ پورو سال مڪمل ٿيڻ تي آهي پر سندس ڪو ڏس پتو ڪونه آهه، خبر ناهي ڪهڙي ديس جو متوالو ٿي ڪري اُتي ويهي رهيو آهه، ڪيس هڪ پل ڏسڻ لاءِ هي نيڻ آتا ٿا رهن.

# خاموش سڏڪا

جڏهن لڙڪ اکڙين مان بي ساخته ٽي ڪري وهي پون، جڏهن لب ڪجھ به ڪڇڻ کان عاري ٿي پون، جڏهن چهري مان مسڪراهٽ ڪسجي وڃي ته پڪ سمجهو اوهان پيڙاھ جي مرحلي مان گذري رهيا آهيو، انسان جتي پٿر کان وڌيڪ سخت مزاج طبعيت رکندڙ فرد هجي ٿو اُتي وري ڪڏهن ڪڏهن ڪپهه کان به نرم ٿيڻ لڳندو آهي ۽ لوڻ بڻجي ڪري وقت جي وهڪري جي ڪنهن ڪن ۾ وهڻ شروع ڪندو آهي.

جوڀن جا ڏينهڙا تمام حساس ۽ قابل غور فڪر توڙي ڌيان ڌرڻ جا ڏينهن هوندا آهن، انهن جوڀن وارن ڏينهڙن ۾ اڪثر جوڌا جوان ۽ ارڏا ڇوڪرا، الڙ ۽ جوان ڇوڪرين جي زلفن جو اسير بڻجي، سندن نيڻن ساڻ نيڻ ملائي ڪري پنهنجي سنهري مستقبل جا خواب ڏسڻ لڳندا آهن، پنهنجي قد بت کان وڌيڪ سگهارا خواب ڪين زندگي جي اڙانگهي سفر ۾ ٽڪائي وجهندا آهن.

ڪائنات جا الاهي سارا معاملا اجا تائين ڳجھ ڳوه بڻيل آهن جن جو حقيقتون تقريب تمام جلد ظهور پزير ٿيڻ واريون آهن، اسان وٽ اولاد ۽ والدين جي وچم هڪ تمام باريڪ ڪنٽرول لائين لڳل آهي جنهن جي حساب سان اولاد کي پنهنجي والدين سان پنهنجي دل جي ڳالھ کولي ڪري بيان ڪرڻ جو اجازت ڪنهن به قيمت تي دستياب ناهي، اُتي وري والدين کي سندس ذاتي زندگي جي باري ۾ ڪنهن به فيصلي ڪرڻ وقت سندن ڪنهن به راء جي ڪنهن به قيمت تي ضرورت ناهي.

والدين جي انهي رويي جي سبب نه ڄاڻ ڪيترا گل ٽڙڻ کان پهريان مرجهائي ويندا آهن نه ڄاڻ ڪيترا گلستان اجڙي ڪري قبرستان مثل بڻجي پوندا آهن، نه ڄاڻ ڪيتريون زندگيون موت جي منهن ۾ هليون ويندڀون آهن پر افسوس ته اڄ جو والدين پاڻ کي عقل ڪل جو مالڪ سمجهندي پنهنجي ايندڙ نسل کي ڪم عقل سمجهي سندس تقدير جو فيصلو پاڻ ڪرڻ شروع ڪري ٿي جنهن جي ڪري اڳتي هلي ڪري ڪين هيبتناڪ نتيجا ڀوڳڻ لاءِ ملن ٿا.

# هٽلر صفت محبوبا

تاريخ جا ڪارندا هٽلر کي انتهائي ڏڪارت واري نظر سان ڏسن ٿا ڇو ته هٽلر انساني ناروا سلوڪ ۾ سوز اختيار ڪري الاءِ ته ڪيترا بي گناه فرد ماريا هيا، جنهن سبب تاريخ ڪيس اڄ به گنگھار تصور ڪري ٿي ۽ سندس شخصيت کي منفي طور ٻين آڏو پيش ڪري ٿي، پر اگر جي ٿڌي دماغ سان غور ڪجي ته هٽلر جي مچايل تباهي کان پوءِ هلٽر واري ان ساڳي مچيل مانڌاڻ کي تسلسل يا رواني جنهن عنصر بخشي آهي سي آهن هٽلر جهڙيون اسان توهان جون محبوبائون.

ڪڏهن سندس بي رخين توڙي تلخ بازين تي غور ڪيو اٿئو ؟

يقينن جواب هوندو نه ..

آخر غور به توهان ڇو ڪندا، عاشق جو سڏايو ٿا..

عاشق ته اڪيون ٻوٽي ڇڏيندا آهن، اڃو ته اڄ انهن ٻوٽل اکين سان سندن اپياس ڪريون.

اسان توهان جون محبوبائون جن کي ڪنهن به قدر توڙي قيمت تي اسان جون مجبوريون توڙي آزيون نيازيون قبول ناهن، جن جي ازلي انا برف وانگر ڪنهن هڪ خواهش تي ڄمي ٻيهي رهڻ واري ضد اسان جهڙن مسڪينن ۾ ڪمزور دل عاشقن کي لوڙهي ٽيون وجهن، جن جي خواهشن جي ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ فهرست اسان جي خواهشن جو ٻيڙو ٻوڙي ٽيون ڇڏين، جن جي بي رخي اسان نفيس طبعيت عاشق مزاج رکندڙ فردن کي خزان جي موسم ۾ اڻ مڏائتو پهچائي ٽيون ڇڏين، پلا اهڙن کي اجا به هلٽر سان نه پيٽيون.

پنهنجي من اندر جهاتي پائي ڏسجي ٿو هر هنڌان سندن ڪلورن جا ڪريل ڪوٽ نظر اچن ٿا، اسان طرفان ڪين آڇيل گلاب جا گل ڪاري ڪوئلي وانگر سڙيل ڪنهن ڪنڊ ۾ لين ٿا، سندن روايتون ۾ ريتون بي بها ۽ مهانگا محسوس ٿين ٿا انهن جي برعڪس اسان

جون وفائون سندس ڪتابن ۾ جفاعن جي عنوانن سان تحرير ٿيندي پڙهڻ لاءِ ملن ٿا، ڪنهن در وڃجي ؟ ڪنهن در دانهن ڏجي؟

اسان ڪي ئي ساعتون سندن رستن تي نماڻا نيڻ ڪٽي ڪين هڪ پل لاءِ پسڻ لاءِ اُس جهٽيو ٿا ۽ وري محبوب ايڏا مغرور جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ هار سينگار ۾ لاهيو ڇڏين، هيڏان اُس ۽ تتل زمين جي واري اسان جا ترا ڪڍيو ڇڏي، وري مٿان ستم ظرفي اِها ” پنهنجي شڪل ڏني اٿئي“ جهڙا ننول ڪري اسان جي ششي جي نهيل دل جا پرزا پرزا ڪريو ڇڏين، اجا ڏوهه اسان عاشقن ڏي.

اسين عاشق زهر پياڪ مڙئي پيا سندس ڏکن ۽ ڏاڍن ۾ دل خوش ڪريون ۽ وري مٿان هٽلر صفت محبوبائون به پنهنجي وسان ڪين ٿيون گهٽائين هر روز نئو غم توڙي ستم پارسل ڪري موڪلين پيون.

# دل جو نگر

من اندر مانڌاڻ متل آهي ٿورو ليئو پائي ڏسجي ٿو ته هزارين حسرتون دفن ٿيل نظر اچن ٿيون وري ان سان گڏوگڏ من جي نگري ۾ سوين نوان خواهش ڪَر ڪٽي اُسرڻ جا جتن ڪن ٿيون، اکيون بند ڪرڻ سان خوابن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، نگاه کي ٿورو مٿي کڻجي ٿو ته منزل نه ڄاڻ الاءِ ڪيترو ڏوراهو محسوس ٿئي ٿو ۽ نيڻ ٿڪجي ٿا پون.

زندگي عجيب ڪشمڪش واري ڪيفيت ۾ مبتلا آهي، سوچون پوري جسم کي پنهنجي گرفت ۾ آٽي ڪيس ڪمزور ڪان ڪمزور تر ۽ هيٺو بنائڻ جو ريس ۾ لڳل آهن، ڪٿان به ڪا سرهاڻ يا سڳنڌ محسوس نه ٿيٿئي، هر هڪ فرد ٻي فرد کان اڳتي نڪرڻ جي چڪر ۾ پاڻ کان پنهنجي اصليت وڃائي چڪو آهي.

سوچن جو ساگر جڏهن پنهنجي آپي کان نڪري ڪري سفر ڪرڻ لڳندو آهي ته تڏهن انهن سوچن جي پاڻ ۾ هڪ سرد جنگ لڳڻ شروع ٿيندي آهي انهن سوچن ۾ جيڪا سوچ سڀ کان وڌيڪ سگهاري، ڌوکيباز، مڪار ۽ چالاڪ هجي ٿي ته اُها سيني تي سوڀ حاصل ڪري وجهي ٿي.

ڪنهن کي به نندي هوندي کان اهو ناهي سيکاريو ويو ته ڪاميابي کان وڌيڪ اهميت انسان جو ڪردار رکي ٿي، ان لاءِ انسان پنهنجو ڪردار ناهڻ ۾ پنهنجو گهٽو وقت خرچ ڪري، هن ڌرتي جي گولي تي اڄ تائين انيڪ فرد ڪامياب ٿي ڪري آيا ۽ فنا ٿي ويا، اهڙي ساڳي طرح وري ڪجهه فرد آيا ۽ انهن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي اعلي ڪردار جي وسيلي امرتا بخشي، جنهن جي ڪري دنيا جهان کين اڄ به سٺن ۽ عمدن خيالن ۾ ياد ڪري ٿي.

ورهيه گذري وڃن ٿا پر من اندر ڪڏهن اهڙي مانڌاڻ مچي پوي ٿي جو دل جو نگر پوري جو پورو ناگاساڪي جهڙو ٻڏجي ٿو پوي.

## اداس اکڙيون

وچوڙي جا وھشتناڪ حملا ۾ من اندر لڳل برھ جي باھ ھڪ پل به سانت سان ويھڻ نٿي ڏي، پر ان جي باوجود به آءُ ھماليا جيڏا ھونسلا رکي تون سان پنھنجي نينھ کي نڀائيندي پئي اچان، تون سمجھي سگھي ٿو ته ھي پورو سماج مرداڻو سماج آھي جنھن ۾ ڪنھن به عورت ذات کي ڪچڻ ۽ لچڻ جي ايتري آزادي ھر گز ناھي جو اُھا عورت پنھنجي پيار جي تڪميل يا حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙي سگھي.

ھي سارو سماج عورت دشمني جي روايت کي بخوبي وڏي ايمانداري سان نڀائيندو ٿو اچي، ڪجھ ڏينھن ٿيا آھن جو مون ادب پڙھڻ شروع ڪيو آھي، تون مون کي عالمي ادب جا جيڪي ڪجھ ڪتاب ڏئي ويو آھي آءُ انھن منجھان ڪجھ ڪتاب پڙھي چڪي آھيان ۽ ڪجھ ڪتابن جو مطالعو اڃا جاري آھي، آءُ جڏھن ڪتابن کي ھٿن ۾ کڻندي آھيان ته ائين محسوس ڪندي آھيان جڻڪ سڀ ڪتاب عورت جي بي وسي ۽ لاچاري جي داستانن سان ڀريل ھجن.

ڪي پل ته ائين ڀائيندي آھيان جڻڪ سڀئي ڪتاب منھنجا سور بيان ڪندڙ آھن، سڀني ڪھاڻين جا ڪردار منھنجي دردن جا حوالا ھجن، الاءِ ڇو ڪجھ ئي ڏينھن ۾ اھو يقين ٿي ويو اٿم ته ڪائنات جي ڪمزور ڪان ڪمزور تر وجود عورت ذات ئي آھي، حالانڪ عورت جي مطعلق تنھنجو نقطه نظر ٻيو آھي ۽ تون ھميشہ اھو ئي چوندو رھندو آھين ته " ھن ڪائنات ۾ قدرت واري جي خوبصورت کان خوبصورت تخليق عورت ذات ئي آھي"، اگر ائين آھي ته پوءِ تنھنجي ۽ منھنجي نقطه نظر ۾ ايڏو فرق ڇو آھي.

# سُنسان راهون

پيار جا پيچرا ڏسڻ ۾ ته وسيع نظر ايندا آهن ليڪن اِنهن پيچرن جي پنڌن ڪي اهو ئي سيلاني سمجهي سگهي ٿو جيڪو اِنهن پيچرن تي هليو هجي، جنهن پنهنجيون جُتيون پيار ۾ پنڌ ڪري گسايون هجن.

ٻالڪپڻ ۾ جڏهن نئون نئون عشق لڳو هو تڏهن پرين جي هر هڪ مرڪ، نهار ۽ نظر من کي موهي ڇڏيندي هئي، دل جو گلشن باغ و بهار ٿي ويندو هو، پوري ڪائنات کان بي خبر ٿي ڪري سموريون سوچون بس هڪ ئي ماڻهو ڏانهن مرڪوز ٿي وينديون هيون.

وقت سان گڏوگڏ پيار ڪي ماپڻ جا پئيمانا به تبديل ٿي ويا، جن محبوبن جي تانگ هڪ پل به ويهڻ نه ڏيندي هئي هاڻ انهن محبوبن ڪي ورهين تائين به نه ڏسڻ جو اُلڪو نٿو ٿي، چاهتون جَهڪِيون ٿيڻ لڳيون آهن.

ڳوٺ جي رستن تي هلندي هاڻ جڏهن انهن تي نظر پوي ٿي ته الاءِ ڇو نيڻ پاڻهي ڇاڻ شرم وچان جُهڪي ٿا پون ۽ اندر مان اِهو آواز اچڻ شروع ٿي ٿو ته" بس هاڻ فاصلن ۾ ئي محبت جي بقا رکيل آهي اڪثر ويجهڙايون محبتن جون قاتل ثابت ٿيون آهن.

# جديد محبت

هُن کي جڏهن مون سان پهريون دفعو پيار ٿيو هو تنهن وقت دنيا اجا ايتري گهٽي ترقي کونه ڪئي هئي جيتري هاڻ ترقي ڪري چڪي آهي.

اسين هر روز منجهند جو هڪ ٻي سان ڳوٺ جي گهٽين ۾ ملاقاتون ڪري هڪ ٻي سان دل جون ڳالهيون اوريندا هئاسين.

دنيا ترقي ڪئيگ

پوءِ آهستي آهستي وقت جي رفتار سان گڏ اسان جي محبت به جديد ٿيندي وئي، پهريان خط، وري موبائلن منجهه سڪ ڀريا سنهيا ۽ لمبي بات آفر تي ڊگهيون ڪچهريون، هلندي هلندي فيس بڪ ۽ واٽس اپ تي فوٽو ۽ وائيس پيغامن سان قرب ڀريون ڪچهريون

۽ ائين دنيا سان گڏ اسان به جديد ٿيندا وياسينگ
۽ هاڻ هُو مون سان اي ميل تي ڪچهريون ڪندي آهي.

سڀ ڳالهيون، ڏوراپا ۽ خط اي ميل وسيلي لکندي آهي، آءُ ان ڳالهه کي بخوبي سمجهي سگهان ٿو ته واقعي اڄڪلهه جي محبت، جديد محبت آهي.

# پيار پائينده باد رهي

پيار جا پيچرا ايترا آسان ناهن هوندا جيترا سمجهيا ويندا آهن، سرد راتين ۾ انتظاري جو عالم انتهائي ازيتناڪ هوندو آهي، هر هڪ گهڙي ۽ هر هڪ ساعت جي گذرڻ جو احساس شدت سان ٿيندو آهي، هنن راتين ۾ محبتون اهل دل ماڻهن کي ڏاڍو ستائينديون آهن.

توهان سان هم ڪلام ٿيڻ جو جذبو ۽ پيار جا ٻه ٻول ڳالهائڻ لاءِ ڏاڍو آتو ٿيو وينو هيس، توهان چيو ته رات جي اڌ پهر کان پوءِ توسان ڳالهائينديس، مون کي اِهو اڌ پهر وارو انتظار ڇڙڪ اڌ صدي جو انتظار محسوس ٿيڻ لڳو.

منهنجي اندر جي بي قراري معمول کان وڌڻ لڳي

آءُ بار بار گهڙي کي ڏسندو رهيس ۽ ان اطمنان کي ورجائيندو رهيس ته ڇاڻ رات جو اڌ پهر ٿيو ۽ اوهان سان ڳالهائڻ جي منهنجي حسرت پوري ٿيندي. آءُ محبت جي معاملي ۾ انتهائي سنجيده ۽ بي صبرو ماڻهو آهيان ڇو ته زندگي ۾ خوشين جو تعلق آهي ئي ميٺ ۽ محبت سان، محبتن کان علاوه زندگي ائين آهي جئين تصوير بنا رنگن جي، بي رنگ زندگي انسان کي بار محسوس ٿيڻ لڳندو آهي.

محبت انسان جي زندگي ۾ اهڙا ته اُجرا ۽ نرالا رنگ ڀري ڇڏيندي آهي جو انساني زندگي انتهائي درجي جي خوبصورت ۽ نمايا ٿي پوندي آهي، اِهڙي ئي ريت توهان جي محبت منهنجي زندگي کي حُسناڪي بخشي آهي ۽ منهنجو من توهان جي ديدار ۽ گفتار سان ٻهڪي پوندو آهي.

ان لاءِ آءُ چاهيان ٿو ته اوهان جي محبت سان اِها مهڪ ۽ ٻهڪ هميشہ ائين ئي پائينده باد رهي ۽ اسان ٻنهي جون دليون هڪ ٻي جي لاءِ پيار جا آبشار جاري ڪندا رهن ۽ اسان جو عشق چاهتن سان سيراب ٿيندو رهي.

**ڪلھ رات ستارا مُرڪن پيا**

آءُ ڪيڏو نه اياڳو آهيان جو تنهنجي قرب ۾ قيد هوندي به تنهنجي قربت کان ڪوهه ڏور آهيان، تو سان رشتو ائين جڙيل آهي جئين دريا جي ڪنارن جو هڪ ٻي سان ناتو جڙيل هوندو آهي، هڪ ٻي کان جدا هوندي به هڪ ٻي سان سلهاڙيل هوندا آهن ۽ هڪ ٻي سان گڏ هوندي به هڪ ٻي کان حقيقتن جدا هوندا آهن.

آءُ به ائين ئي تنهنجي عشق ۾ گم سم هوندي ڪنهن پل متي اُڀ ڏي نظر ڪري خيالن ۾ گم ٿي ويندو آهيان، منهنجي انهي ظاهري حال کي ڏسندي مون تي آسمان جا ستارا ڪلڻ لڪندا آهن، اُنهن جي مُک تي مرڪ تري ايندي آهي، هُو مون تي ٽوڪڻ لڳندا آهن، تنهن مهل آءُ ڏاڍو لڄي ٿيندو آهيان ۽ اُتان پنهنجون نظرون هٽائي ڪري پنهنجي پاڻ تي مرڪوز ڪري ڇڏيندو آهيان.

منهنجي اِنهي نظرن چورائڻ واري حرڪت کي هُو هڪ پل به نظر انداز ناهن ڪندا، پوءِ ستارا اُڀ کان لهي ڪري ڌرتي تي منهنجي نظرن جي سامهون اچي ڪري نچڻ، ڪُڏڻ لڳندا آهن، تنهن پل ائين لڳندو آهي ڄڻڪ آءُ ڪنهن گهٽي ۾ گهمندڙ ڪو درويش صفت ماڻهو آهيان ۽ مون کي ڳوٺ جا ٻار چيڙائيندا هجن، مون تي چٽڙون ڪندا هجن، منهنجو مذاق اُڏائيندا هجن.

آءُ ستارن جي انهي حرڪت سبب سندن هٿي پئجي ويندو آهيان، اسان جو هڪ ٻي سان جهيڙو ٿي پوندو آهي، اسان جي اِنهي جهيڙي کي ماٺار ڪرڻ لاءِ وري چنڊ کي اسان جي وچم اچڻو پئجي ويندو آهي، آءُ چنڊ جي اَن ٽيڪاڙي کي مان بخشيدي انهي سڄي ڪار گذاري کان دست بردار ٿي ويندو آهيان، ڇو ته مون کي وري به چنڊ ۾ تنهنجو عڪس نظر ايندو آهي، جنهن سبب منهنجي سڄي ڪاوڙ ڪچي لوهه وانگر پگهرجي ڪري ختم ٿي ويندي آهي ۽ آءُ ميڻ وانگر نرم ٿي پوندو آهيان.

ستارا وري هڪ دفعو ٻيهر منهنجي انهي حالت کي ڏسي ڪري مُرڪي پوندا آهن ۽ مون کي به آخرڪار مرڪڻ تي مجبور ڪندا آهن.

## چري چاهت

هُو جيڪا چري آهي، ها ها چري، صفا اِهڙي چري جو مون کي ڏسي ڪري مسڪرائيندي آهي، حالانڪ آءُ پنهنجي پاڻ کي ڏسي ڪري ڪونه مسڪرائيندو آهيان، آءُ ته پنهنجي پاڻ کي ڏسي ڪري اِن فڪر ۾ مبتلا ٿيندو آهيان ته آخر هُو مون کي ڏسي ڪري مسڪرائيندي ڇو آهي.

سندس مسڪراهٽ مان اِهو صاف، چٽو ۽ واضع بلڪل نمايا طور تصور اُڀرندو آهي ته هُو واقعي ئي مون تي چري آهي، ڇو ته هُو ٻين کي ڏسي ڪونه مسڪرائيندي آهي، هُو ته ٻين کي ڏسڻ کان پوءِ انهن منجهه مون کي يا وري منهنجي اولڙي کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

سندس نگاهون هر پل مون کي ڏسڻ لاءِ پريشان هونديون آهن، سندس اکيون مون منجهان پنهنجو عڪس ڏسنديون آهن، سندس نگاهن جي اِها بي چيني ۽ بي قراري ئي اصل ۾ ڪيس چريو ڪيو آهي جنهن جي ئي ڪري آءُ سوچيندو آهيان ته هُو چري آهي.

ٿي سگهي ٿو سندس چاهت چري چاهت هجي، ٿي سگهي ٿو سندس لڳاءُ چري هجي، ٿي سگهي ٿو سندس ڪيفيتون چريون هجن، ٿي سگهي ٿو سندس چاهتن متان ڪيس چريو بڻايو هجي، ٿي سگهي ٿو سندس سوچون، اميدون ۽ آسون چريون هجن، ٿي سگهي ٿو ته هُو واقعي ئي چري هجي.

بر حال سندس اِن چري هجڻ واري حالت ڪجهه ڏينهن کان وٺي ڪري مون کي چريو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻ جڏهن هُو چري مون ڏانهن ڏسي ڪري مسڪرائيندي آهي ته تڏهن مان چريو به هُن کي ڏسي ڪري مسڪرائيندو آهيان، تڏهن ڪيس اِهو احساس ٿيندو آهي ته هُو اڪيلي سِر چري ناهي آءُ به سندس لاءِ چريو آهيان.